سنڌي شاعريءَ

جي پرک

تيار ڪندڙ

عمرالدين بيدار

سال
١٩٨٨

قيمت: پنجويهه رپيا

الدين بيدار، سنڌي اڪيڊمي ۴
۳ر اشفاق بلڊنگ، اخبر روڊ، فريئر مارڪيٽ جي پٺيان ڪاڻ
واقع اداري پاران، شڪيل پرنٽنگ پريس ۾ ارباغ مان
ڇپائي، اديون آفيس، ڪراچي - امان پڌرو ڪيو
ڪتاب ملڻ جو هنڌ :- ماهنامه اديون ڪراچي - ١

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

پبلشر پاران

سنڌي ۾ شاعريءَ جي پرک نئين وڌ ۾ وڌ مواد جي ضرورت آهي، ابياس ۽ سکيا جو موقعو به مواد ئي مهيا ڪري. هاڻوڪي سنڌي شاعري مختلف ڪتابن ۾ آيل آهي.

اهائي ڳالهه سوچيندي هن ڪتاب ۾ 1912ع جو ڇپيل، مرزا قليچ بيگ جو ڪتاب ڏنو اٿئون ۽ ميزان ڪتاب شاعريءَ جا ڪيئي هوبهو طرح ڏنو اٿئون ۽ ٻيو ڪتاب برشيدا ۾ اشعار جي حد مقرر ڪئي اٿئون.

اميد آهي ته هي ڪتاب تاريخ ساز ادب ۾ ثابت ٿيندو.

عبدالرزاق [illegible]

جولاءِ 1988ع

ڪراچي

سنڌي شعر جي قديم حالت ۽ پوءِ جو سڌارو ۽ انهيءَ جو ٻين ملڪن جي شعر جي حالت سان مقابلو

سنڌ جي شعر جي بيان شروع ڪرڻ کان اڳي مختصر طرح ديباچي جي وانگي ڪي ڪجهه عام شعر بابت ڄاڻڻ ضرور آهي جو سڀڪنهن ملڪ يا قوم يا ٻوليءَ سان لاڳو ٿي سگهي. سڀڪنهن مشرقي يا مغربي قوم جو لٽريچر يعني ڪتابي علم شعر سان شروع ٿو ٿئي. بلڪ ائين چوڻ به بيجا ناهي ته انسان، جو "حيوان ناطق" يعني ڳالهائيندڙ جانور آهي، سو پنهنجي ٻاراڻي حالت ۾ دل جي شوق مان جڏهن پنهنجي اندر جا خيال ظاهر ڪري ٿو تڏهن سندس واتان شعر ٿو نڪري. انهيءَ جو سبب توڙي اثر اڪثر اهو آهي ته ٻڌندڙن کي اهو مٺو ٿو لڳي ۽ انهن جو ڌيان ڇڪي ٿو ۽ انهن جي دل تي اُهو ڄمي وڃي ٿو ۽ پوءِ گهڻي وقت تائين اهو آسانيءَ سان ياد رهي ٿو.

شعر لفظ عربي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڄاڻڻ ۽ پروڙڻ. انهيءَ ڪري شعر ضدّ (مخالف) ٿيو جهل يا ناداني جو ۽ شاعر جو ضد ٿيو جاهل. سڀڪو رواجي ماڻهو ڄاڻندڙ ۽ پروڙيندڙ ڪين هوندو. ڪو دانا يا حڪيم يا فيلسوف يا ڪو پيغمبر ۽ اوليا ۽ انهيءَ نالي جو لائق ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري قديم وقت ۾ اڪثر شاعر اوليا ۾ شمار ڪيل هو. سمجهيل

SOORIH SINDHI ADAB

هو تہ شعر خدائي ذات آهي ۽ خدا جي الهام وانگي ماڻهوءَ جي دل ۾ ٿو اچي. انهيڪري شاعرن جي تعظيم ۾ پيغمبرن ۽ اوليائن جهڙي هوندي هئي. اسان جي قرآن ۾ شاعرن ۽ ڪاهنن جي نندا لکيل آهي ۽ انهن جي ڳالهہ تي وسواس ڪرڻ يا هلڻ وارن کي گمراهہ ۽ ڪافر چيل آهي. انهيءَ جو سبب هي آهي تہ شعر جو سچائي ۽ حقيقت سان ڪو بہ واسطو ڪونهي. ڪو قدرتي نظارو يا ڪا خدائي موجودات ڏسي جيڪي خيال شاعرن جي دل يا انهن جي واتان پيدا ٿا ٿين اهو آهي شعر. انگريزي لفظ پوئيٽري جي بہ اها ئي معنيٰ آهي. پوئيو (Poico) جي معنيٰ I create or produce يعني پيدا ڪرڻ ۽ انهيءَ جي اصطلاحي وصف آهي خوش ڪرڻ يا خوشي، جا ڪنهن بہ موزون عبارت جي آسانيءَ سان سمجهڻ مان اسين حاصل ڪري سگهون ٿا. اها وصف لارڊ جيفريءَ جي آهي. مثلاً رواجي ماڻهو چوندو تہ پرهہ ڦٽي آهي يا صبح جو سوجهرو ٿيو آهي. شاعر چوندو تہ پرندي جي ديڳ يا پاتيل مان ڪيس اڀرڪڻ لڳو آهي. رواجي ماڻهو چوندو تہ سج اڀريو آهي شاعر چوندو تہ صبح گهوڙن وانگي سونو ٿالهہ مٿي تي رکي نڪتو آهي. پارسي شعر جو مثال ڏسو جنهن ۾ شاعر خيالي سبب ڏنو آهي تہ محبوب جو برقعو وجهي باغ ۾ ٿو اچي جو پڇو تہ :- برقع برخ افگندہ برد ناز بباغش - تا نکهت گل بيخته آيد بدماغش. پر سچو سبب برقعي وجهڻ جو هيو آهي

SOORIH SINDHI ADAB

هاڻي رواجي عام جاهل ماڻهو جيڪي چوڻو سو سچ ٿو چوي ۽ شاعر ڪوڙ ٿو ڳالهائي، اگرچه انهيءَ مان دل کي خوشي حاصل ٿئي ٿي. تنهنڪري جيڪو شاعر جي ڳالهه کي سچو ڄاڻي ويساهه ڪندو اهو ضرور گمراهه ٿيندو. دنيائي ڳالهين ۾ ته شاعر جي ڳالهه ڪٿي روا رکبي، پر مذهبي يا خدائي ڳالهين ۾ ته اهڙيون تشبيهون ۽ مبالغا روا رکڻ نه گهرجن. انهي هوندي به اسانجو نبي شعر کي گهڻو پسند ڪندو هو ۽ حضرت علي سندن سؤٽ ۽ خليفو قابل شاعر هو. ۽ عربي قول موجب شاعر "تلاميذ الرحمٰن" يعني خدا جا شاگرد سڏيل آهن. شيخ فريد الدين عطار مشهور صوفي شاعر چوي ٿو ته:- شاعري جزويست از پيغمبري - جاهلانش

ڪفر خوانند از خري.

حقيقت ۾ آهي ته شعر جي چڱائي يا ڀڇڙائي يا انجو روا يا ناروا هئڻ منحصر آهي انهيءَجي مضمون تي. جو مضمون خدا جي حڪمن جي برخلاف آهي يا جو انسان جي دل ۾ شيطاني ۽ نفساني خيال پيدا ڪري ٿو ۽ اخلاقي نور گهٽائي ٿو سو خراب آهي ۽ ڪفر آهي. فارسي بيت آهي (جو شايد سعدي جو آهي) ته:- بنطق آدمي بهتر ست از دواب.

دواب از تو به گر نگوئي صواب.

شعر علم نه آهي ۽ هنر نه آهي. علم يا حقيقت جي نظر تي شعر سائنس يا حڪمت جو ضد آهي، جنهنجو ڪم آهي شين جي سچي حقيقت ڏيکارڻ، جو ڪم شعر جو ناهي.

SOORIH SINDHI ADAB

۽ هنر جي نظر تي شعر ۽ نثر جو ضد آهي. اُهي وقت اُنهيڪي نظم ٿو سڏجي. عربي اصل موجب نثر جي لفظي معنائي آهي موتي هيٺ ڌاري پکيڙي ڇڏڻ ۽ نظم جي معنائي آهي اُهي ڌاريل موتي وري ڌاڳي ۾ پوئڻ. اِهو پوئڻ جو ڪم هنر آهي، سو ڪو به ماڻهو سکي سگهي ٿو. نظم ٿيو موزون يا وزن دار ڪلام يعني تُريل ڪلام. نثر ٿيو بي وزن يا اڻ تُريل ڪلام. انهن موتين يا لفظن جي تورڻ جي ساهمي يا ميزان آهي علم عروض يا پرِاسڊي. انهيءَ جو قانون آهي نظم جي پورائي يا اڻ پورائي پرکڻ جي ڪسوٽي. نظم جوڙڻ لاءِ انهي هنر يا قانون جو ڄاڻڻ بلڪل ضروري آهي، نه ته نظم جوڙڻ وارو اهڙيون غلطيون ڪندو جي ڪيس بلڪل معلوم ٿي نه سگهنديون ۽ عروض ڄاڻندڙ کي هڪدم ڏسڻ ۾ اينديون. انهي هوندي به ڪو نثر وزندار يا قافيه وارو به ٿي سگهي ٿو. ساڳيا لفظ پهرين نثر آهن پر انهي هنر موجب اهي ساڳيان لفظ اڳي پوءِ ٿي وزن ۾ اچڻ ڪري نظم ٿي سگهن ٿا. ۽ پوءِ جيڪو اثر انهيءَ جو دل تي ٿو ٿئي سو اڳي نه ٿي ٿيو. ويتر جي مضمون ۾ مناسب ۽ اثرناڪ آهي ته پوءِ ته انهي جو اثر تمام گهڻو ٿو ٿئي. قدرتي يا ساچي شاعر جو ڪم اڪثر دل جي شوق ۽ ذوق ۽ خيال جي نزاڪت سان آهي، لفظن جي تور تڪ، يا پڙهڻ لکڻ واري علم سان نه آهي. انهيڪري اڳوڻا قدرتي شاعر بلڪ نبي اڻ پڙهيل ماڻهو ٿي گذريا آهن. چڱو شاعر چڱو ناظم

نه ٻه هوندو ۽ چڱو ناظم ضرور ناهي ته چڱو شاعر هجي. شيخ عطار جي بيت وانگي شعر نبوّت جو ڀاڱو آهي يا انهي جهڙو آهي. اسان جي نبيءَ جي قول موجب نبي علم جو شهر آهي ۽ ولي انهي شهر جو در آهي. پر نبي پاڻ اُمّي يا اڻ پڙهيل هو ۽ لکي پڙهي نه ڄاڻندو هو.

انهي ڪري شعر يا نظم رڳو ڇهن هنرن مان هڪڙو شمار ٿيل آهي جئن ڪ نقاشي، عمارت سازي، بُت تراشي، موسيقي. انهن سڀني هنرن جو ڪم آهي اڳوڻن استادن کي نقل ڪرڻ ۽ انهن جو مدّعا آهي انهي نقل ڪرڻ سان پنهنجي توڙي ٻين ماڻهن جي دل ۾ خوشي پيدا ڪرڻ. تنهنڪري قديم استادن جي شعر جي نموني تي شعر چوڻ، جنهنکي تتبّع چوندا، سو عيب ناهي، پر شعر جي استعمال ۽ ترقي آهي ۽ انهيمان درجي بدرجي ماڻهو چڱو شاعر ٿي سگهي ٿو. سڀني وڏن شاعرن پهرين تتبّع تي شعر پئي چيو آهي. سڀني ڇهن هنرن جو اهو حال آهي، پر هر هڪ جا رستا ۽ اوزار عليحدا عليحدا آهن، اگرچه مطلب ۽ مدعا سڀني جو ساڳيو هڪڙو آهي. نقاشيءَ جو ڪم رنگن سان آهي. عمارت سازيءَ ۽ بت تراشيءَ جو پٿر يا سنگ مرمر سان. موسيقي يا راڳ جو آواز ۽ سُر ۽ تال سان. تيئن شعر يا نظم جو لفظن ۽ خيالن سان. شعر گويا ڳالهائيندڙ نقش آهي ۽ نقاشي گويا بي آواز شعر آهي. ليڪن ٻين سڀني هنرن مان شعر جو واسطو راڳ

سان اصل کان زيادہ رهيو آهي. اڪثر ٻئي گڏ هلندا آهن. راڳ کي ڪٺي گهوڙو سمجهو ۽ شعر کي سوار. جڏهن شعر راڳ تي چڙهي سيرتي نڪري ٿو تڏهن تمام سهڻو ٿو لڳي ۽ وڌيڪ پسند ٿو اچي ۽ ماڻهن جي دل تي ڏاڍو عجيب اثر پيدا ڪري ٿو. جيڪا خوشي چڱي شعر جوڙڻ ڪري خود شاعر کي ٿي ٿئي سا خيال ۾ اچڻ مشڪل آهي. شاعر شعر جوڙڻ لاءِ فقط ڪنهن ڪنهن مهل ٿو ويهي، مگر حقيقت ڪري هر هنڌ ۽ هر وقت ۽ هر حال ۾ هن جي دل ۽ دماغ ۾ شعر يا شاعرانا خيال ائين پيا ڊوڙن ۽ ٻڙن ٻڙن ڪن جيئن ماکيءَ جي مانارِي ۾ مکيون ڪنديون آهن. شاعر جهنگ ۾، يا وڻ جي ڇانو ۾، يا وات هلندي، يا اڪيلي ڪوٺيءَ ۾ ويٺل هجي يا هو ڪنگال ۽ خستہ حال هجي، يا ڪهڙي به مرض ۽ مصيبت ۾ گرفتار هجي ته به هو طبيعت جو سڪندر بادشاه آهي ۽ دل جو حاتم طائي آهي. بادشاه خزانا خرچي ۽ لشڪر مارائي، فتح ڪري خوشي حاصل ٿو ڪري. هن اسان جي خيالي بادشاه کي هڪڙو چڱو يا نازڪ خيال دل ۾ آيو، يا هڪڙي عمدي سنجيدي مصراع دل گهريئين لفظن ۾ ٻڌي جوڙي معنا سان اچي وئي ته هن جي خوشيءَ جي حد ئي ڪانهي. هو پائيندو ته هفت اقليم جي بادشاهي ملڻ جهڙي آهي.

انهي طرح ڏسڻ ۾ ايندو ته سيڪڙن ملڪ يا قوم جي شروعات جي تصنيف اڪثر شعر ۾ آهي ۽ انهي جو

مضمون اڪثر بهادري يا جنگ جي شوق بابت آهي يا
وري مذهبي جوش بابت آهي. شوق ۾ حد کان زياده
خوشي يا غم اچي وڃي ٿو. مدعا آهي قوم کي همٿائڻ.
قومن جي تواريخ پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته سڀ کان
قديم شعر هندستان جو آهي، ڇالاءِ جو آرين کي سڀني
کان اڳي سڀائي قابليت حاصل هئي. انهن ۾ به شعر درجي
بدرجي سڌرندو ويو. پهرين ويد، پوءِ رامائڻ ۽ مهاڀارت،
پوءِ پراڻ، پوءِ ڪاليداس جو سنجيدو شعر ظاهر ٿيو.
سڀني قومن کان پوءِ انگلنڊ جي ماڻهن کي سڌاري سان گڏ
شعر جو حوصلو پيدا ٿيو.

قدامت ۾ پوءِ ايراني آيا، جي پڻ آرين هئا.
انهن جو قديم شعر گم ٿي ويو هو، جو وري عربن جي فتح
کان پوءِ ظاهر ٿيڻ لڳو. انهن ۾ پهرين فردوسي آيو ۽
عرصي پٺي سعدي ۽ حافظ پيارا شاعر آيا. ايرانين کان پوءِ
عبراني يا هيبرو ماڻهن جو شعر قديم آهي. پهرين حضرت
داؤد جو زبور آهي يعني "سامس آف ڊيوڊ" پوءِ ٻيو شعر ظاهر
ٿيو. انهيءَ کان پوءِ يونانين جو شعر قديم آهي، جو سڪندر
جي وقت ڌاري ظاهر ٿيو. يونانين جي نقل ڪرڻ ۽
صحبت ڪرڻ مان رومن ماڻهن شعر جي قابليت پرائي.
پوءِ جرمن پوءِ پورتوگيزن پوءِ سپين جي ماڻهن پوءِ فرانس
وارن، شعر جي ميدان ۾ قدم رکيو. فرانس کان پوءِ
نارمن فرينچ ۽ انهيءَ کان پوءِ انگلنڊ ۽ سڪاٽلنڊ ۾ شعر جو

حوصلو پيدا ٿيو.

انهيءَ مان معلوم ٿيندو ته هند جا رهاڪو، جي هاڻ رعيت آهن، سي علمي قابليت يا شعر جي نظر تي اول نمبر هئا. ۽ انگريز ماڻهو جي هاڻ انهن تي حاڪم آهن سي آخرين نمبر هئا. زماني جي بلندي ۽ پستي ۽ اُٿل پُٿل جو اهڙو مثال ٻيو ڪو مشڪل ملندو. ۽ هيءَ ڳالهه به انهيءَ مان ظاهر آهي ته هر قسم جي اوائل جو شعر اڻ سڌريل ۽ جهنگلي قسم جو هو ۽ اڪثر اڻ پڙهيل ماڻهن جو چيل آهي ۽ ڪنهن نه ڪنهن ساز تي ڳائڻ ۾ پئي آيو آهي. پوءِ اُهو جهنگلي شعر ويو آهي سڌرندو ۽ جيڪي اثر وقت جي ٻوليءَ تي پئي ٿيا آهن سي ويا آهن وقت جي شعر تي به ٿيندا. يعني ٻين ٻاڙي وارن يا فتح ڪندڙن قومن جا لفظ ويا آهن داخل ٿيندا ۽ انهن جا ڪتاب ترجما ٿيندا.

مثال لاءِ سڀ کان پوئين سڌريل قوم جو شعر وٺو، جنهن سان اسين زياده واقف آهيون، يعني انگريزي. هاڻي انگريزن ۾ پهريون شخص جو شاعر چوڻ ۾ ٿو اچي سو آهي سيڊمن ۽ اهو ستين عيسوي صدي جي پڇاڙيءَ ۾ پيدا ٿيو ۽ انهيءَ جي شعر ۾ رڳو بائبل جو مضمون آهي ۽ ٻين ڪن وقت جي جنگين جو بيان ڏنل آهي. پوءِ نالي وارو شاعر چاسر آيو جو چوڏهين صديءَ ۾ پيدا ٿيو. اهو اُهو زمانو هو جڏهن هندستان جي تغلق گهراڻي جي بادشاهن راڄ ٿي ڪيو. چاسر جي شعر تي وري فرانس ۽ اٽلي جو اثر

پيو. انهيءَ کان پوءِ وري سڌار وٽڏهن ٿيو جڏهن ڪئڪسٽن
ڇاپڻ جو هنر ڪڍيو ۽ قديم مصنفن جا ڪتاب ترجمو ٿيا
۽ پهرين مذهبي بحث پوءِ علمي بحث شروع ٿيو. اٽي
اٽليءَ جي معرفت عشق جو مضمون به اچي سهڙيو. اهو زمانو
راڻي ايليزبيٿ جي راڄ جو هو جڏهن سپينسر پيدا
ٿيو، جنهن اڳ به چاسر جي تتبع تي شعر چيو. پوءِ
شيڪسپيئر آيو ۽ انهيءَ طرح قصن ۽ ناولن ۽ ناٽڪن منهن
ڪڍيو. پوءِ سترهين ارڙهين صديءَ ۾ ملٽن، گري،
وردس ورٿ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ٽينيسن جهڙا شاعر پيدا
ٿيا، جن شعر کي ڪماليت جي درجي تي پهچايو ۽ جن
جو اثر خوب وقت ۽ قوم ۽ ٻوليءَ تي پيدا ٿيو.

هاڻي ڏسو ته سڀڪنهن هنڌ پهرين جهنگلي شعر آيو،
جنهن کي بئلڊ ته چون، جنهن جو خاص راڳ سان واسطو
هو ۽ اڪثر تاريخي ننڍيون لڙايون انهيءَ ۾ ڏنل آهن. پوءِ
وڏن قصن ۽ داستانن جو شعر آيو جنهن کي ايپڪ پوئيٽري
چئجي ٿو جئن ته الياڊ، آڊيسي، مهاڀارت، شاهنامو،
جي مجلسن ۾ پڙهبا به هئا ۽ ڳائبا به هئا. پوءِ ڊراما يا
ناٽڪ آيو جنهن ۾ اهي قصا نقل ڪري ڏيکاربا هئا، جنهن
ڪري ماڻهن تي زياده اثر پيدا ٿي ٿيو. سڀڪان پوءِ عشق
۽ ٻئي قسم جو شعر آيو جو دل جي حالت ۽ شوق ۽ جوش
بابت هو، جنهن کي لرڪ پوئيٽري ته چون. غزليات
وغيره انهي ۾ داخل آهن، جي ساز تي به ڳائبا هئا ۽ پڙهي

پر پڙهائيا هئا.

انهي مٿئين بيان مان مٿاڪي هي ڏيکارڻو هو ته اسانجي سنڌي ٻوليءَ جي شعر جو گهڻو ڪري سارو اڌارو حال آهي جنهن ۾ ٻين قومن ۽ ملڪن جي شعر جو آهي. اسانجو گهڻو واسطو ٻين پراڻن ملڪن سان ڪونهي، هندستان سان آهي جنهنجو سنڌ هڪ ڀاڱو آهي. هند جا اصل رهاڪو آرين ماڻهو هئا جي هماليه جبل جي پريان جبل لنگهي پهرين پنجاب ۾ آيا ۽ پوءِ هندستان ۾ پکڙيا. ۽ سنڌ اڳي پنجاب سان گڏ شمار ٿيندي هئي. عجب جي ڳالهه اها ته ورتي جڏهن عرب فتح ڪندا آيا تڏهن به پهرين سنڌ ۽ پنجاب ۾ آيا. تڏهن هند جي اصل ٻولي آرين هئي جا بدلاجي نيٺ سنسڪرت ٿي ۽ آرين جي ٻي شاخ يعني ايرانين وٽ اها ساڳي آرين ٻولي نيٺ زندوستا ٿي. انهن ٻنهي جا اصلوڪا گهڻا لفظ وغيره هڪجهڙا آهن. اهي ٻئي انهن اصلوڪي آرين ٻوليءَ جون ڌيون ڄڻبيون ۽ ماڻم پيٽون ٿيون. اهي ٻئي قديم هئڻ ڪري پاڪ ٻوليون شمار ۾ آيون ۽ فقط ڪن خاص ڌرمي ماڻهن جي ڪم جون ٿيون. نيٺ انهن مان وري ٻيون ڌيون ڄڻيون. هڪڙي پراڪرت جڻي ۽ ٻيءَ پهلوي يا پارسي، جي رواجي ماڻهن لاءِ مقرر ٿيون. هند جي خاص اصل ٻولي برج ڀاشا هئي جا سنسڪرت مان نڪتل ناهي مگر سنسڪرت جو اثر پوءِ انهي تي پوڻ لڳو. پر جڏهن اسلام جي فتح جو اثر پهرين ايران تي ۽ پوءِ هندستان تي پوڻ

لڳو تڏهن اهو ساڳيو اثر اهاوڪين ٻولين جي ڏين ۽
ڏُهڻين تي ٻه پوڻ لڳو. اسان جي سنڌي سڌي سنسڪرت
مان نڪتل ناهي، پراڪرت مان نڪتل آهي. تنهنڪري
سنڌ جي ٻولي، توڙي شعر جي حالت پراڪرت ۽ ڀاشا
جهڙي ئي رهي آهي. قديم سنڌي، ڪريل پراڪرت
يا ڪريل ڀاشا هئي، جئين بلوچڪي ڪريل پارسي آهي.
عربي ٻوليءَ جو اثر ته اڳئي پارسيءَ جي معرفت پراڪرت
۽ برج ڀاشا تي پيو هو، ويتر عربن جي سنڌ تي سنڌي
فتح هئڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ پاڻ زياده عربي لفظ داخل
ٿيڻ لڳا. ٻارهين عيسوي صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن
شهاب الدين غوريءَ کي پرٿوي راءِ تي فتح حاصل ٿي تڏهن
انهي وقت جي ڪوين جي ڪلام ۾ پارسي عربي لفظ
موجود آهن. جهڙوڪ ته پيگام، فرمان، حجرت، سُرطان،
پاتشاهه، سلام وغيره. اڪبر جي زماني ۾ جڏهن مسلمان
۽ هندو پاڻ ۾ شير شڪر ٿيڻ لڳا ۽ جڏهن هندو مسلماني
پوشاڪون ڍڪڻ ڪان عار نه ڪندا هئا ۽ مسلمان ڏاڙهين
کي صفائي ڏيندا هئا ۽ جڏهن مسلمان راجائي جي لقب
کي فخر سمجهندا هئا ۽ هندو مرزا ۽ نواب جي خطاب کي
مان سمجهندا هئا، تڏهن مسلمان چام سان هندڪا لفظ
ڪم آڻڻ لڳا ۽ هندو مسلمانڪا لفظ. انهي وقت برج
ڀاشا جو شعر اڪثر ڏهرن جي صورت ۾ هوندو هو، جو
نمونو تڏهن سنڌ جي شعر جو به هو. مسلمانن شاعرن جو

مثال امير خسرو دهلوي مشهور ڦارسي شاعر آهي جنهنکي "طوطي هند" چوندا هئا ۽ جو چوڏهين صديءَ جي شروع ۾ هو. تنهنجو ڦ اهي نموني جو ڀاشا ۾ شعر آهي. اسانوٽ سنڌ ۾ جو اڳي آمدن نامي ۽ ڪريما سان ڏوايو ۽ سروايو پڙهائيندا هئا سو امير خسرو جو آهي. شروع هيئن ٿئي ٿو:-

خالق باري سرجنهار- واحد ايڪ بدا ڪرتار.

مرد منس بزن بي استري- قحط ڪال، وبا بي مري.

بيا برادر آ ري ڀائي- بنشين مادر بيٺهه ري مائي.

آتش آڳ، آب بي پاني- خاڪ ڌول جو باءُ آڙاني.

(۽ آخرين بيت) مولوي صاحب سرن پناه- گدا ڀکاري خسرو شاه.

ملڪ جائسي ۾ ٻئي مشهور شاعر جنهن پدماوت جو قصو ڦارسي شعر ۾ لکيو آهي تنهن گهڻا ڀاشا جا لفظ ڪم آندا آهن. هندو شاعرن جو مثال وري اڻ پڙهيل ڪبير شاعر بنارس واري جو ولو جو سڪندر لوڌيءَ جي زماني ۾ هو. انهيءَ کان پوءِ گرو نانڪ صاحب آيو، جنهنجو جب صاحب آهي. بابا تلسيداس برهمن، جنهن رامائن جو ڀاشا ۾ ترجمو ڪيو، بابا سورداس جنهن سري ڪرشن جو ذڪر شعر ۾ لکيو آهي. اهو سڀ شعر ڀاشا جي دهرن ۾ آهي. انهن سڀني ۾ عربي ڦارسي لفظ موجود آهن. نمونو هي آهي. ڪبير صاحب جو دهرو:- دين گنوايو دني سي دني نہ آيو هاٿه، پير ڪهاڙي ماريو گاڀل اپني هاٿه. اتي دين ۽ دني يا دنيا ۽ غافل عربي لفظ آهن. بيو دهرو:- ڪبير سرير سراءِ هيءَ ڪيون سوئي سکهه جين- ڪوچ نگارا سانس ڪا باجت

هي ڏن رين. اتي ڪوچ ۾ ڪافي پارسي عربي لفظ آهن. گرو نانڪ صاحب جو ڏهرو:- ساس ماس سب جيو تمهارا تو بهي کهرا پيارا- نانڪ شاعر ايو ڪهت هي سچي پروردگارا. جپ صاحب ۾:- وارن جائن ان ايڪ بار- تو سدا سلامت نرنڪار. اتي پروردگار ۽ سلامت فارسي عربي لفظ آهن.

بابا تلسيداس جي ڏهرن ۾ به گريب نواج ۽ ڪلهه جهڙا لفظ ملن ٿا:- مايا ڪو مايا ملي ڪر ڪر لمبي باتهه- تلسيداس گريب ڪو ڪوئي نه پوڇهي بات. سورداس جي هڪڙي شعر ۾ته قافين جا لفظ ساج، آواج، جهاج، گريب نواج آيا آهن. سي ته نهايا پر پڇاڙيءَ واري مصراع ۾ آهي ته:- سنت سبهي جانت هون تو نه آيو باج. يعني تون باز نه آئين. پارسي اصطلاح باز نيامدن عجب جهڙو آهي.

تيرهين عيسوي صديءَ ۾ شيخ فريد آيو تنهنجا به ڏهرا انهي نموني جا هئا.

فريدا جو تي مارن مڪيان تنان نه ماري گهم،
اپنڙي گهر جائي پير تنا ندي چم.
رکي سکي کاءِ ڪي ٺنڊا پاڻي پي،
فريدا ديکه پرائي جو پڙي نا ترسائي جي.
فريدا ذکر سکر اڪ ڪر دل ئي لاهه وڪار،
الله پاوي سو پلا تا ليي در بار.

اهي آهي پاشا ڌهرن جانمونا. اها پاشا آهي جنهنکي اسين هندستاني ٿا سڏيون. انهي هندستاني مان شاهه جهان بادشاهه جي زماني ۾ اُردو پيدا ٿي. اُردو

جي معنيٰ آهي اڙد يا لشڪر جي بازار. لشڪر جي بازار ۾ جدا جدا قومن جون زبانيون ڳالهائڻ ۾ آيون- سنسڪرت، ڀاشا، عربي، فارسي سڀ گڏ. تنهنڪري ريختي ۾ انهيءَ کي جوڙيندا هئا يعني جدا جدا قسم جا ذرا ذرا يا ٽڪريل ٽڪر. سگهوئي اردو سرڪاري دفترن جي ٻولي ٿي. برج ڀاشا مان ڪتاب اردوءَ ۾ ترجمو ٿيا. انهي وقت جي فارسي شعر ۾ هندي ڀاشا جا لفظ اچڻ لڳا. جهانگير بادشاهه پنهنجي تُزڪ جهانگيريءَ ۾ لفظ لاڏلو ڪم آندو آهي :- اين خواهر خود که لاڏلۂ من ست. خسرو دهلوي جو بيت :- پان خورده بود، داده اُگال آن بت هندي - اين بوسه به پيغام چه رنگين مزه دارد. اشرف شاعر جي هڪڙي بيت ۾ آهي ته :- چو کهنڊي شکوهش اگر سايه افگند. عُرفي شاعر جي هڪڙي بيت ۾ آهي ته- سير گشتم ز کاچرهٔ ايام. پوءِ ايران ۽ ترڪستان جا لفظ ۽ اصطلاح ۽ شاعرانا خيال اچي داخل ٿيا. ۽ اُنهن اهڙو مزو ڏنو جو هندستان جون خاص اصل ڳالهيون گم ٿي ويون ۽ انهي وقت جون فارسي قديم مشابهتون وغيره اڃان تائين اردو شعر ۾ ڪم پيئون اچن.

سنڌي ٻولي ۽ شعر جو به ساڳيو اهو حال آهي. پهرين ستين صديءَ ۾ آرين يعني برهمڻ ۽ ٻڌ ڌرم جا راجا هئا. ڏهين صدي تائين سيميٽڪ يعني عرب ۽ عجم جا حاڪم آيا. پوءِ مونگل يا مغل آيا. پوءِ وري به موٽي آرين حاڪم آيا يعني انگريز. انهن سڀني طبقن ۽ حڪومتن

جو اثر سنڌ جي ٻولي ۽ شعر تي رهيو. ڀاشا وانگي ٻهرين
انهيءَ ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظ پيا. پوءِ عربي پارسي
ترڪي لفظ پيا. پوءِ افغاني يا پٺاڻڪا ۽ بلوچڪا ۽
سرائڪا لفظ پيا. پاڇاڙيءَ ۾ انگريزي لفظ به اچي داخل
ٿيا. پنج ست سنڌي حرف - ٻ ڄ ڃ ڏ ڳ ڱ ڻ - اصل
واري تر جي ٻوليءَ جون نشانيون آهن. ڪوڏر، گڏهه،
ڏيرو، جهڻ وغيره. سنسڪرت لفظ پراڪرت مان جهان حرف
بدلائي آيا. توهه، ڍلو، سُت، ڪمر، پنيو، ڏڌ،
ڍولڪ وغيره عربي پارسيءَ مان آيا. اوطاق، چقمق،
تڪمون، چلمچي، بورچي وغيره، ترڪي مان آيا.
ٻوڙو، ڏڪڻ، سوٿهڙ، جڳو، ڏاڳو، وغيره هندستاني
يا ڀاشا مان آيا. ڏوڻ، ڏماڙو، ڀرائي، ڪنا، وغيره
سرائڪي مان آيا. وڳ، اٽالو، جانگهو، گهٽو، ليڙو،
ڏوم وغيره بلوچڪيءَ مان آيا. ڏوڏو، ڏاڙو، گيدي،
گهل، ڏال وغيره پٺاڻڪي يا پشتوءَ مان آيا. ٻاٽلي،
پلٽڻ، ڇاپ، درجن، بٽڻ، ڪيٽلي، اسپتال، رپوٽ
وغيره انگريزيءَ مان آيا. اها آهي اسانجي اڄوڪي
سنڌي يا سنڌ جي اردو يا ريختو، جا نثر ۽ نظم ۾ ڪم
آئي آهي.

انهيءَ طرح جيڪو سنڌي شعر ٻهرين جوڙ ۾ آيو سو
هين ملڪن جي شعر وانگي قصن ۽ جنگين جي بابت هو ۽
اڪثر اڻ پڙهيلن ماڻهن جو چيل هو ۽ اهو ڀٽ يا چارڻ يا
مڱڻهار چوندا هئا ۽ ڳائي پنندا وتندا هئا، جيئن انگريزن

ر ٻار ۾ ڪندا هئا ۽ اڃا تائين ٻه سُرندائي آهي جو ندا
ِتندا آهن. راءِ ڏياچ، سسئي پنهون، عمر مارئي،
يرر رانجهو، سهڻي ميهار، مومل راڻو، دودو چنيسر،
يلان چنيسر، شاهه بهرام ۽ ٻيا اهڙا قصا سڀ لوڙائو بيتن
ني صورت ۾ هوندا هئا جي پوءِ لکڻ ۾ آيا. انگريزن
ميرن جي جنگ ۾ انهن سرندائين کان اوهان ٻڌي
ِندي- مير نصير ۽ جنگ ترلائي سڙئي صوبدار ۽ لڳو
ورو ٻيگو لوڙهو لس لغارين لائي. اڄوڪي وقت جي
پچو بادشاهه ۽ پيرو وزير کي ٻه ماڻهن نه ڇڏيو آهي ۽ اهڙي
عربر وجهي ڇڏيو آهي.

ساڳئي انهي وقت ۾ مداحون ۽ معجزا ۽ مولود ٻ
ڻ ۾ ايندا هئا. جئن هندستاني يا پاشا ۾ اوائل جو
مر ڌهرن ۾ هو ۽ مضمون جنگي يا ڌرمي هو، تئن سنڌيءَ
ٻه ڌهرا يا ڏوهڙا هئا. يعني ٻه سٽون يا مصراعون ساڳيءَ
رزتي قافين سان. ابوالحسن جي سنڌي، مخدوم
ياءِ الدين جي سنڌي، مخدوم ابراهيم جي سنڌي،
ان عبدالرحيم گروڙواري جي سنڌي، شاه عبدالڪريم
ڙيءَ واري جي سنڌي، شاه عنايت صوفيءَ جي سنڌي،
ن سيني قديم بزرگن جو ڪلام انهي قسم جو شعر آهي،
ني ڌهرن ۾ ۽ مضمون اڪثر مذهبي آهي. ٻيا جي قصا
ت آهي ته ٻه تصوف يا مذهب جي پيرائي ۾ آهي. مثال

اِهي چار دوهرا يا بيت ابوالحسن جي سنڌيءَ مان ڏجن، تہ جيئن طرز توڙي ٻوليءَ جو نمونو ملي سگهي، تہ:-

جيڏرن کي جان ڏئي مڙن کي مرڪي،
ايڏا احسان رب ري ٻيو ڪير ڪري.
آتُ آيا پاتشاهه عالم گهڻا السڪر،
کي ملن کي سُرن ڪن ڏنائين پڪر.
هاڻ سڄاڻ تون هنڌي جي ڪنن،
تہ صحي پڇيو سيڪو ڪارڻ ٻاڻ ڪمن.
پر پاڇو ٻهرين قيام ڏينهن وحدت ڏٺيان پوءِ
تيندي صحي صلواة جي شڪ ميائي ڪوءِ.
تا تہ ترسي پنهنجا شرط سيبيئي سڪر
ڪنا جيري جيئين پاڻ پراهون رڪر.

۽ شاهه ڪريم جي سنڌيءَ جو مثال:-

منيون ڏجي حبيب کي لڳ ڳڏجن لوڪ
ڏيون ۽ ڪروتون اڄ ٻڙ سگهر توڪ.
مُٺ پيڙيائي پلي جي اُٺين تہ واءُ
جم ٻڌر روڊيٺي ڳالهڙي تہ چڙي وجي ساءُ.
ڪَن مي رڪيٺي ڪَن ڪي پيا ڪٽيج
سنڌي پرپان ڳالهڙي تني سان سٽيج.
پڙميا جي ٻاڻان سمٺي سيلهہ ٿيام
اڪرا ڳيان اُپري واڳوني ورپام.

اهو سنڌي شعر سترهين صديءَ جي شروعات ٿائين،
ليو پوءِ انهن ڏهرن يا بيتن ۾ هيٺري قير گهير ٿيڻ لڳي
هر هڪ بيت جي جدا جدا قافين هئڻ جي بدران گهـ
بيترن بيتن جو هڪڙو قافيو رکي پوءِ وري ٻيو قافيو
ڏائون، جئن مخدوم عبدالصمد نورنگ پوٽي جي
ڪتاب بيان العارفين يا ڪتاب تنبيهہ الجاهلين يا نورنامي
آهي. نمونو هي آهي —

هاڻي هنيان پوءِ ٿو سو ڪري بيانا
۽ ٿو فرمائي اُن رسالي ۾ ڪري اعلانا
تہ جڏهن رسالو فارسي آءُ ڪندس تماما
تڏهن مور نہ رهندو مخفي طالبن ڪنا

جهنگاي شعر جي نشاني هنهہ ظاهر آهي تہ قافيو اڪثر
الف جو آهي ۽ ڪنهن ۾ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ الف تنبي
افيو ڪري آڻيندا هئا.

ٻيو نمونو هي آهي جو نورنامي مان آهي.

تن سڀني کي ٿو رسائي مون ڏٺي رزقا
ڪو نہ وساري ڪٿهين ٻرين منجهہ بحرا
توڻي نيڪ بندا هون سي عبادت وارا
توڻي سي بخيل هون توڻي متڪبرا
توڻي ظالم هون سي ڪ وري فقيرا
توڻي صالح هون سي ڪ وري بدبختا.

هي ڦيرگهير وري مداحن جي حالت ۾ ٿيندي هئي
جنهن مرحلڪ دهري ۾ ننڍيون ننڍيون ٽڪون رکندا هئا
۽ مهڙواري مصرع بند يا "ڪورس" وانگي بيت بيت جي
پنيان آڻيندا هئا. ميان سرافراز ڪلهوڙي جي مدا-
مسلمانن جي نبڻي بابت ڏسو-

يلا ڄام هن غلام سند و سوال سڻين تون
اهو آهي "ڪورس" يا بند، جو ذري اچي تو
آهيان ڏڏ، غمن گڏ سچا سڏ سڻين تون
پسي پاڻ ڪرم ساڻ ڏکيا ڏاڻ ڏئين مون- يلا ڄام...
لنگهيا لڪ، لٿا شڪ، هلي حق گڏ يا سون
۽ في الحال منجهه وصال اچي منصب مليا سون- يلا ڄام...
سرافراز کي اداس آهي آس اوهان ڏهن
رهه راس بند خلاص خوبي خاص ڏئين مون- يلا ڄام...

جمن چارڻ نابين واري هي مشهور مداح پيران پير
ڪان اکين جي روشنائي بابت.

"يا پير پيران بادشاه رحمة الله عليه" - اهو آهي بند-
فرزند آهين حسنين جو- آءُ سائل تنهن ثقلين جو
درگهه متي دن رين جو- اوجر منگان عينين جو
دارو ڌئين دارين جو- يا پير پيران بادشاه
جمن چوي جاهل آهيان- ڪرتن ڪچو ڪاهل آهيان..
تو در سند و سائل آهيان- يا پير پيران بادشاه

انهيطرح بند بند ڏيندو هليو ويو آهي.

اهو آهي دامريج سنڌي شعر جو اوائل وارو نمونو، جو عيسوي سورهين ۽ سترهين صديءَ تائين هليو. ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام ظاهر ٿيو. سو ٻه ڌرن يا بيتن ۾، پوءِ هو انهن ۾ نئي ڦير گهير ڪرڻ لڳو. مضمون ۾ بدلجي ظاهري قصن جي صورت ۾ مگر باطني مذهب يا تصوف جي صورت ۾ ٿيو، جو زياده اثر ناڪ ٿيڻ لڳو. اهي بيت ماڻهو دل وندرائڻ لاءِ وڏي آواز سان سُر ۾ چوندا هئا يا ڳائيندا هئا، جنهنڪري سُر ٻڌائڻ لاءِ پوئين مصراع جو پويون اڌ قافئي وارو يا ڪڏهن پهرئين جو ٻه اڳي ڪري چوندا هئا يا وري ٻيو پيرو چوندا هئا. پوءِ انهيطرح بيتن چوڻ جو رواج پئجي ويو. مثلاً :- سڪ منهنجا سپرين نهائيڻ ڪان نينهن - ٻاهر ٻاڦ نه نڪري سڙي سارو ڏينهن.

انهي ڌرن يا بيت کي چوڻ يا ڳائڻ ۾ قافئي وارا اڌ، پهرين چوڻ ۾ آيا. هنطرح :- نهائينءَ ڪان نينهن سڪ منهنجا سپرين - سڙي سارو ڏينهن ٻاهر ٻاڦ نه نڪري. انهي ڦير گهير ڪري زياده لذت ٿي اچي ۽ مضمون جو اثر زياده دل تي ٿو ويهي. شاهه صاحب جي ڌرن يعني ٻن مصراعن وارن بيتن جا ٻه چار مثال ڏيڻ گهرجن، جنهن مان انهنجي ٻولي يا مضمون جي خوبي معلوم ٿيندي.

ڪاٿي جاءِ جاڻ جي جان جهين ٿا جل
ڪاٿي ويل وهڻ جي تتيءَ ڏڏي هل.
ويهن ڪوٿي ورا ڪوسٽن ڪوٿي سنگ
هوت هلندن ڪٿيو جن انگن چاڙهيو انگ.
روزا نمازون، اِئي پڻ چڱو ڪم
اُو ڪو ٻيو فهم جنهن ۾ پسجي پرين کي.
ستي نہ سرندياءِ، ڪر پچار پرين جي
وهاءِ ويندياءِ، گهڻا هڻنديون هٿڙا.
آئٽي پهرارت سين جي ڪتن ۽ ڪنبن
تنهنجو صرافن ڦورو ڦوليو ڪينڪي.
هنج نہ رهيو هڪڙو ويا مور مري
وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانيرن جو.
يار مدائي سپڪو جاني زباني
آهي آساني، پر ڪم پئي ڪل پوي.

ٻي ڦير گهير شاه صاحب هي ڪئي تہ ٻن مصراعن جي بدران ٻڌيڪ مصراعون وجهڻ لڳو. جيئن هيٺين ان ڏهن ٿائين. مثلاً:-

اڻ چوندن ڪين چؤ جوندن جيو وسار
اٺئي پهر ادب سين پر ادائي پار
پايو مڏون موٽن ۾ غربت ساڻ گذار
مُنتي مدانجه ودار، تہ قاضي ڪانيارو نہ ٿئين.

۽ ڪنهن مصراع ۾ ڪا وڏي آيت يا ڪنهن ٻئي
شاعر جي مصراع وجهي وزن ڪان وڌائي تمام ڏکي ڪري
۾ آندائين . مثلا —

ڪونهي قادر ڪو ٻيو انهي جو اياڳ
قل لن يصيبنا الا ڪتب الله لنا هو مولٰنا، ائي معذرت ماڳ
سيوئي سياڳ — ماروئي مساوي ڪيو.

يا: — سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد، وصل اهوئي ونگ.

اهي آهن اوائل جي جهنگلي يا اڻ سڌريل نظم جون
نشانيون . اگرچه شاه صاحب پارسي شعر مان واقف هو ۽
بحر ۽ وزن جي خبر پئي سگهيس ٿي ته به هن نئون پارسي
طرز پسند نه ڪيو ۽ نه پارسي لفظ استعمال
ڪيائين . پراڻو دهرن وارو طرز وٺيو آيو . انهي ۾ شڪ
ڪونهي ته سندس ڪلام تي جلال الدين رومي جي
مثنوي جو گهڻو اثر پيل هو، خصوصا شعر جي مضمون تي.
انهيءَ ڪتاب جي پڙهڻ ڪان پوءِ رسالي جوڙڻ جو شوق
ٿيس ۽ انهيءَ جو مضمون ڪم ۾ آندائين . پهريون بيت
جو انهي خيال سان چيائين سو مثنوي جي پهرئين بيت
جو ترجمو هو . مثنويءَ جو پهريون بيت آهي : —

بشنو از ني چون حڪايت ميڪند - از جدائيها شڪايت ميڪند .

اڄ جيڪر اسين انهيءَ جو ترجمو ضرور هيٺن ڪريون
ساگهئين بحر ۽ مضمون ۾ : — نڙ ڪان ٻڌ جڏهين صدائون ٿو

ڪري - ۽ جدائي جون گلائون نه ڪري. پر شاهه
صاحب ائين پسند نه ڪيو. ٻئي جي صورت ۾ هيئن
چيائين :- وڏيءَ لڳي وايون ڪري، ڪل ڪوڪاري-
هن پڻ پنهنجا ساريا هو هنجون هڏ هن لئي هاري.

يا وري مثنويءَ جو بيت آهي ته :- آن ندا ڪز اصل
بربانگ و نوا ست - خود ندا آنست و اين باقي صداست.

تنهنجو ترجمو شاهه صاحب ٻئي ۾ ڪهڙو نه سهڻو
ڏنو آهي :- سو پڙاڏو سو سڏ، ورائي جو جي لهين-
هٿا اڳهين ڳڏ، پرڏڻ ۾ پيا.

يا وري مثنويءَ ۾ آهي ته :- صبر را با حق قرين
ڪرد اي فلان - آخر والعصر را آگه بخوان" ۽ شاهه صاحب
وڌائي تن ٽن مصراعن ۾ ٿو چوي ته :-

پرم پچايئون، عشق جي اسباب ڪي - دارون هن
درد جو ڏاڍو ڏسيائون - آخر والعصر جو انهين اتائون -
تنهان پوءِ آءٌ، سڪان ٿي سلام ڪي. آخر والعصر جو
دارون يا علاج آهي صبر، جو لفظ قرآن جي والعصر واري
سورة جي آخر ۾ اچي ٿو.

انهي طرح روميءَ ۽ چيني وارو مثنويءَ جو ذڪر
ڪيترن بيتن ۾ هن آندو آهي، جنهن مثنويءَ جي مصراع آهي :-
طالب قصر سونهن سرائي روميءَ جي روءِ؛ يا روميءَ جي
راهه، يا روميءَ جي رهاڻ وغيره.

انهي ۾ بلڪل شڪ ڪونهي ته مثنويءَ جو اثر شاهه صاحب جي ڪلام تي گهڻو پيو هو مضمون تي، نه بحر يا طرز تي.

پيون ۾ ڪي ڦيريون گهيريون شاهه صاحب جون خاص آهن جنهنجو ذڪر ڏيڻ ضرور ڪونهي. جنهن نه مداحن وانگي هند جي مصرع "ڪورس" وانگي ڏري آڻڻ. جنهن ڪافيءَ جي مٿ ۾ آهي ته :- چرڪو چوري ڪت ڪا تار. اگرچه شڪ آهي ته اهو شاهه جو ڪلام نه آهي. يا ڏيٿڪي يا بلوچڪي هوائيءَ ۾ شعر جوڙڻ، يا بيتن ڪان پوءِ وايون آڻڻ.

سنڌي بيتن جي رواج وجهڻ سان گڏ شاهه صاحب سنڌي راڳ جو به پايو وڌو. هندستاني ڳائڻا شاهه صاحب وٽ رهندا هئا ۽ پيا ڪلام ڳائيندا هئا جي ١٥ ۽ ١٦ ۽ ١٧ سرن ۾ ڏنل آهن. جدا جدا راڳڻين ۾ پورين ڪي ڏوهڙا ڳائي پوءِ غزل يا ٺمري يا لاوڻي ڳائيندا هئا. انهي نموني تي شاهه صاحب به جدا جدا سرن ۾ بيت جڙي جڙي لڳائي ۾ ڪي وايون آنديون. ۽ انهن واين وري پوءِ سنڌ ۾ ڪافين جو بنياد وڌو.

هڪڙي ننڍڙي وائيءَ جو مثال هتي ڏجي ٿو جا اڪثر سُر ڪافيءَ ۾ ڳائبي آهي.

پسي ڳاڙها گل، مٿان ڪو جا نگي کي چاري

١- ملڪ ۾ ايندئي موت جا - ڪري هيبتون هُلُ
٢- نئي ڏر يندئي ڏوڙ ۾ - متئون پڙ مندئي ڪُلّ
٣- اديون شاهه لطيف جئي - مولتان لاهي پل

دل پئي چوي ته شاهه صاحب جي ڪلام مان ڪي چونڊيل خيال هڏا يان، هر وقت ڪونهي. اهوئي مڪڙو شاعر آهي جو هن پوئين صديءَ لاءِ شعر جو اُستاد يا ڏاڏو شمار ۾ اچي ته جئن فردوسيءَ پارسي ۾ ۽ چاسر يا پوءِ شيڪسپيئر انگريزي ۾ شمار ڪجي ٿو ۽ جنهنجو ڪلام اڃا تائين هر دلعزيز آهي ۽ انهجو گهڻو ڀاڱو گهڙي گهڙي جي حل ٿي ويو آهي ۽ انهي جون مصراعون ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ چوڻيون ۽ پهاڪن وانگي ڪم اچن ٿيون. انهي قديم استاد جي شعر تي اڃا هر وڌيڪ ڏيان ڏيڻ ۽ ڪوشش ڪري وڌيڪ خوبين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سڀني سنڌي ٻولي ۽ شعر جي خيرخواهن کي منهنجو عرض آهي. مون پنهنجي وت آهر ٿوري گهڻي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌس تاريخي احوال لکيو اٿم، سنڌس رسالو جو اڳي اڻ پورو هو سو وري نئون ڇپايو اٿم، سنڌس رسالي جي خلاصي لغت يا لغات لطيفي ڇپائي اٿم، سنڌس جيڪي مصراعون ضرب المثل ٿي ويون آهن سي لطيفي لات جي نالي هيٺ ڇپايون اٿم، سنڌس رسالي ۾ ڪهڙو مضمون يا ڪهڙو بيت ڪٿي ليندو، تنهلاءِ رسالي جي ڪُنجي ڇاهي

اٿم، نموني لاءِ سنڌس ڪري سر سهڻيءَ جي مفصل شرح
۽ سمجهاڻي ڏني اٿم ۽ سسيءَ وارن سرن جا پاڳا، جي
مئٽريڪيوليشن لاءِ مقرر آهن تن جي مختصر شرح ٻارن لاءِ
ڏني اٿم ۽ سنڌس چونڊيل بيتن جو مطلب ڪيو اٿم.
اهو سڀ ڪم شاهه جي ڪلام جي محبت جي بنيان
ڪيو اٿم. سنڌ جي ڪن ٻين صاحبن به اهڙو پورهيو ڪيو
آهي اميد آهي ته اسان جا نوجوان پڙهندڙ انهي قسم جي ادبا
۾ زياده محنت ڪندا ۽ پڪ آهي ته انهي مان ڪين خوشي
۽ ٻين کي فائدو حاصل ٿيندو.

شاهه صاحب جي وقت کان، يا انهي کان پوءِ جا شاعر به
سنڌس پيروي ڪرڻ لڳا ۽ اڄ تائين به اڪثر قصن يا
جنگين جهڙو بيان انهي نموني جي بيتن ۾ جوڙڻ ۾ ايندو
آهي، جو نج سنڌي شعر جو نمونو آهي. شاهه صاحب کان
پوءِ سگهوئي، يعني ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٻيو
هڪڙو مشهور شاعر ٿي گذريو جو دراز وارو سچل فقير
فاروقي هو. انهيءَ جو به سنڌي ڪلام گهڻو ڪري شاهه
صاحب جي تتبعي تي چيل آهي، باقي سنڌس ٻيو ڪلام
سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهي، جا رياست خيرپور جي ٻولي
آهي ۽ دراز رياست ۾ آهن. مضمون جي ڪري سارو
ڪلام تصوف جو آهي. چڱو ۽ اثرناڪ آهي. ڏوهڙا ۽
بيت به آهن ۽ وائين بدران ڪافيون آهن جي جدا جدا

سرن ۾ آهن. سچل فقير جا ڪي مشهور ٻالڪا يا مريد ۽ شاگرد ٿيا، جي هڻ مشهور آهن، جهڙوڪ يوسف فقير ڪوڪر، گهرام فقير جتوئي، عثمان چاڪي، خير محمد جسڪاڻي ۽ ٻيا. انهن سڀني جون ڪافيون ۽ بيو ڪلام مشهور آهي. سچل فقير جو پارسي ديوان غزلن جو ۾ آهي جنهنڪي ديوان آشڪارا ٿا چون، جو انهي ۾ سندس تخلص آشڪارا آهي.

سچل فقير جي سرائڪي ڏوهڙي يا بيت جو نمونو هي آهي :-

خيال بزرگي ڏهون نہ ميرا نا منگان مخدومي
ناوت پير مشائخ ٿيوسي ناوت نانگن نجومي
دعوت دي دائري نہ سکيوسي ناوت عام رسومي
ناوت هندي سندي شامي ناوت زنگي رومي
سچو ڪٿ نهين ڪوئي پيدا هوندا وچ معدومي.

۽ سندس سندي بيت جو نمونو هي آهي :-

الهہ لڳي اڌام، تون موتي محبوبن ڏي
وڃي ڏيج پرين کي پاڇيءَ جا پيغام
ڪري قدمن تي پئي سؤ اکر ڏيج سلام
آهي اوهان ري پرين هت مڙئي ماتام
اڇڻ جو انجام، ڪر سگهو طرف سچوءَ جي

۽ سندس هڪڙي ننڍڙي سندي ڪافي ۾ نموني لاءِ ڏجي ٿي جا اڪثر سروري مان ڳائبي آهي.

پول نہ ہٹئي ڪنھن پل - تون تہ ادم يار ناھين
١- ملڪن تي سجدا ڪيا، واھ مٽي تنھنجو ماہ
٢- لڪو تو لاتون ڪرين، جيئن باغ اندر بلبل
٣- ڪير ٽپائي ڪير ڪڍ ائي، شاھ بنا دلدل
٤- احد منجھا رون عبد سڏ ائي، ھوئين پاڻ اصل
سچل چوي سچ تي آئين، ڪونھي تنھنجو تل.
سرائڪي ڪافيون زياده عمديون اٿس.
سچل فقير جو پالڪو يوسف فقير، جنھنکي ذاتڪ
يوسف سڏ يندا ھئا، توڙي روحل فقير ۽ مراد فقير ڪنڊڙي
وارن جو ڪلام نہ رڳو سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ آھي پر
ھندي ڀاشا جي نموني تي پاڻين وانگي بہ آھي ۽ انھي
ڪري ھندو ماڻھو انھنکي گھڻو چاھيندا آھن. نمونو ھي
آھي - روحل فقير جو سنڌي بيت :-
ڪفر ۽ اسلام ۾ ڏا پرين أ بتا پير
ھڪ ھندو ٻيو مسلمان تيو وچ وڏائون وير
انڌن اوندھ نہ لھي تنکي سچ چوندو ڪير
روحل راھ پرين جو جان گھڙي ڏنو سين گھير
تہ رب مڙوئي ھڪڙو جنھن ۾ ڦند نہ ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبتہ الله
۽ پاڻئي وارن ڏوھڙن جو نموني ھي آھي.
جل ييترا ڪ اگن جلت ھي اجواڙا بن ڏيوي

انبرت ڌارا امڻن ٻڙت مي ڪوڄن ورلا ٻيوي
پريم پياس لڳي اُرانتر، اور ڪڇو نهين ڀاوي
ڏيهڙي ٻيتر الڪر پراڃي، جو ڪوڄي سو پاوي
امرا پور ۾ آسڻ ڪيدا، درجن مار هٽايا
روحل رات گئي دن پايا منشا منگل گايا
چت ڪو ڪهيو نه من ڪري، من ڪو ڪهيو نه چت
ڪايا نگري گام ۾ دونون جهگڙن نت.

سنڌي ٻيتن ۾ ڪن هندو شاعرن به تمام چڱو ڪلام چيو آهي جيئن ته لعلو ڀڳت جو ڪامسين ڪامروپ وارو قصو ۽ سامي مينگهراج يا سنڌس پالڪي ڀائي چينراءِ شڪارپوري جا سلوڪ. انهنجو نمونو هيٺ ڏيڻ گهرجي.

(١) پيائي منجهه پڌي، موڙ ڪر ويا ڪيترا
ڪو سامي ساڌ لنگهي پيو ڪري پار ساڻ ڪڏي
چاڙهي جنهن گر گيان سان ڳڱن منجهه گڏي
توڙي ڪري لاڏ لڏي، ته به سيتل رهي سياءُ ۾.

(٢) مومن مسلمان ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
جو واصل ٿي وحدت ۾ ڪڍي غير گمان
نور محل جي ذات تي سيل ڪري سڄاڻ
تنهنکي سڀ جهان، جاڻي دوست خدا جو.

(٣) جاڳي جنهن جوڏي جيتيو من مواس ڪي
ڪيڏ پر تنهن ڪاپت جو لشڪر سڀ لوڏي

سامي لاٿئين لڪ ۾ ٻاجهڙي ٻروڏي
ويٺو گهر سوڏي، ساڪي ٿي سنسار جو.

اهو اڳوڻي نج سنڌي شعر جو نمونو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۽ مير صاحبن جي صاحبي جي اڌ تائين هليو. پوءِ انهي ۾ ڦير گهير ٿيڻ لڳي. مير ڪرم علي خان جي راڄ ڌاري، يعني ارڙهين صدي جي پڇاڙي ڌاري، پارسي ٻولي گهڻي رواج ۾ اچڻ لڳي. ايران جا قابل ماڻهو اچڻ لڳا ۽ پارسي غزل، قصيدا، مسدس وغيره رواج ۾ اچڻ لڳا. پارسي شعر جي بحرن ۽ وزن تي خود مير صاحب ۽ ٻيا ڪي سگهڙ ماڻهو شعر جوڙڻ لڳا. پارسي جي تتبعي تي سنڌي شعر به پارسي وزن تي جوڙڻ لڳا. انهيءَ وقت ڌاري سيد ثابت علي شاهه ظاهر ٿيو. هن مرثيا ۽ منقبت پارسي نموني تي تمام عمدا چيا. بلڪ ڪي هجوون، سفرناما ۽ ٻين قسمن جو شعر به چيائين. تمام گهڻو شعر چيو اٿس، سڀ پارسي بحرن تي. منجهس پارسي لفظ ۽ جملا بلڪل آزاديءَ سان ڪم ۾ آندا اٿس. ڪن مرثي ۾ ته سڄو بند جو بيت پارسي زبان ۾ چيو اٿس ٻيو سنڌيءَ ۾ ۽ ڪنهن ۾ ديوان حافظ مان مصراعون تضمين ڪري آنديون اٿس. شاهه جي ڪلام وانگي ثابت علي شاهه جا مرثيا به سرمان ڳائيندا آهن. مرثين جا ٻه ٽي بند نموني لاءِ ڏجن ٿا.

بيدرد ڪوفِ ملاحَ غم دردِ دلِ يتيم
دردِ دلِ يتيم ڪي چاڪي دلِ دونيم
عرشِ عظيم ۾ پيو هت غلغلو عظيم
عابدِ يتيم و بيڪس و بيمار ڪي ضعيم.
پابسَ ۽ پائر رڙ ڪڍي قيدي ڪري عيال
تيا شامِ ڏي روانا وڃي مصطفا جو آل.

هنئي مرثئي جو بند جنهن ۾ پارسي بيت آهي:-

هي هي نبيءَ جي باغ جا نِوري نَوَل نهال
هي هي علي جا راحتِ جان فاطمه جا لعل
اڄ ڪوڻ آسارا تي ملايا هي ظلم هي زوال
ڪومائي گل ڪري پيا پونءَ تي تي خسته حال
بادِ خزان وزيد بہ گلزارِ اهلبيت
برق ستم رسيد بہ انبارِ اهلبيت.

هن چؤ مصرعي بند ۾ حافظ جو بيت ڏنو اٿس. انهن جون گهٽيون ئي مصراعون انهي مرثيي ۾ ڏنل آهن.

خوشحال ٿي ڪٽڄ ائي زاري ۽ زيردستي - سبب پائنڄ سربلندي ائي عاجزي ۽ پستي - هنگام تنگدستي درعيش ڪوش ومستي - ڪاين ڪيمياي هستي قارون ڪند گدارا.

هن مرثئي جي بند ۾ امام قاسم جي پهلواڻي جي تعريف شاهنامي جا اشارا آهن ۽ ڪهڙو نہ چڱو جيو اٿس.

هنکي ڇا افراسياب ۽ هنکي ڇا اسفنديار - ڇا هي بيژن، ڇا هي برزو، ڇا فرامرزالفرار - گيودت گوشو ڪري، نريمي نريمان جو شعار - طوس جو ڇا تاب هت گودرز وگرگين گيرودار - هي مڃي رب جي رضا سرڏئي ترڏئي ورنہ محال - ناهي ملڪ الموت کي انجي تقابل جي مجال.

ثابتعلي شاهہ جي حياتي جو احوال ۽ سندس مرثيا بہ مون ڇپايا آهن. ۽ ساڳي طرح شاهہ ڪريم ۽ سچل فقير جي حياتي جو احوال ۽ سندس ڪلام بہ ڇپايو ويو آهي.

انهي وقت کان وٺي سنڌي عشقيہ يا مدحيہ شعر پارسي وزن تي شروع ٿيو جو اڄ تائين هليو اچي. پارسي ديوان جي نموني تي پهريندي پهريندي خليفي گل محمد هالن واري گذري صديءَ جي وچ ڌاري سنڌي ديوان لکيو، جنهنکي ديوان گل چوندا. انهي ۾ سنڌي الف بي جي، سيني حرفن جا قافيا ڏنل آهن ۽ انهي ۾ بہ گهڻا نہ سنڌي لفظ ڪم آندل آهن. نمونو هي آهي.

غزل

سور ٿيو سينگار جنهنجو ڏکہ تنهِن جو آهہ ڏيهہ
وِرهہ ووءِ ووءِ ٿيو ورد وهرط هاءِ هي هي آهہ هيچ
مرض محبت جو اندر ۾ ڪُنهن ڪندو تنکي طبيب
درد ٿيو دارو دلا هڪيون قطعون آزار ابہ
جوش جذبي ۾ زيادہ منهنجو طاب واڌو وڌن

ڪو نہ ڪن ٿا ڌام لڳي جيئن تہن ڪن ڌاڙ ڏيھہ
ڀوڪر تنھنجي ڀرت ٻچڙڻ جيءَ ھراو ليڪڻ ڌار
ٻرم ٻاميون ڪُھڙ ڪاڏو آب اکين آھہ رھہ
ٿيا سڪي سرھا سدا آباد ۽ آرھا مدام
ٿا وڻن گلزار گل ڪاڻن ڪتيو ڪو ڪوب ڪيھہ.

ٻيو- دَور دنيا جي مٿي ايدل ڪئي آيا ويا
سڪر مٿي سورن سٿي ايدل ڪئي آيا ويا
ڪي سوداگر راتو ڏينھان منجھ وڻڻ وڪڻڻ خراب
ڪوڙ دنيا جا ڪٿي ايدل ڪئي آيا ويا
ڪن ڪيون ڀوڳون تيون ڀرپور ھي پاڻي جڏھن
پوءِ پڪي هيون هٿي ايدل ڪئي آيا ويا
ٻاڏ ڪيئي ٻحر ۾ اڙھندا وتن پاڻيءَ مٿي
پيا سڪي پاڻيءَ لٿي ايدل ڪئي آيا ويا
ويا دنيا جا شاھ ڪئي دنيا ڇڏي منجھ هيٺ پڙا،
پاڻ مھتيندا ڪٿي ايدل ڪئي آيا ويا
گل حقيقت تو ٻڇين ڪھڙي دنيا جي دور جي
ڪا خبر ڪنھنکي اٿي ايدل ڪئي آيا ويا.

انهي ڪان پوءِ تہ انهي طرز تي گهڻن هاڻوڪي زماني ۾ شعر چيا آهن جي جدا جدا مضمونن تي آهن. اڳوڻي طرز بيتن واري تي ھر اجا شعر جوڙ ۾ اچي ٿو ھر اڪثر هاڻ ڦارسي وزن تي جوڙ ۾ اچي ٿو، مثنوي قصيدا، غزل ۽

رباعي وغيره. هنن پوئين شاعرن مان گهڻن ديوان به لکيا آهن، پر انهن سيني مان ٻن ماڻهن جو شعر خاص تعريف جوڳو آهي. هڪڙو حمل خان لغاري جنهنجو گهڻو شعر سنڌيءَ توڙي سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهي. سچل فقير وانگي هنجو به سرائڪي شعر سنڌي شعر کان چڱو آهي. اڳوڻي سنڌي شعر جو تتبع ڪيو اٿس، سندس سنڌي بيت جو نمونو هي آهي:-

ٻاراني ٻارن مون ويٺي ڙي ويٺي - گڏيل هئي گمان ۾ سا پڌري ٿي پيئي - محبت لڌي ملڪ مون ڏکر وڌا ڏيئي - دوست ڦري دشمن ٿيا جانب هئا جيئي - سڄڻ منا هئا سامر کون سامهون ٿيا سيئي - حمل هاڻ نيئي، ڪنهنکي سور سڻايان.

سندس هي سرائڪي بيت چرچي جهڙو:- اڄوڪي زماني جي ٽوٽ، رولو ۽ ٺڳي ماڻهوءَ تي ٽوڪ آهي. چوي ٿو ته -

ڏنگي تورتي ڏنگي ٽڪي، انگليان پنج ۾ چَلي
ٽوين ڪڏ ڪڏ تي وٽ ڏيندي اٽي پيس آوَلي
آکڙ شاکر ڙال شهر وچ ٽوٽ ٽُرن ڪرتلي
ٽُرّي جوڙ ٽڙان تي کڙُندي گاندو ڪرڪر گلي
سارا ڏينهن گهٽيين وچ گهمندي وال وال ڏيون ولي
ٻاهر تور لڪان دي ٽرندي گهر وچ لڪرتلي

... رتي گهر آون سانجهي پيسا مؤر نہ هلي
اڳيون آکن ڪيا ڪت آئين ورندي وات نہ ولي
زالان اڳيون زور سي تنهنڪو خوب ماريندي ڪلي
منٺان ڪر ڪرما ۽ چڙاوندي اُگهہ اُگهہ اکيان ملي
گهر وچ ڪلا ٻچا ٻاهر شير بهادر هلي
حمل جنهن گهر حال اهو سو آکر ڪيوين گهر هلي.

ٻيو آهي ميان محمد قاسم هالائي جنهنکي مُئي ٽورا ورهہ ٿيندا انهيءَ جو ديوان ڇپيل بہ آهي. شعر پارسي شاعرن جي تتبعي تي اٿس ۽ پارسي شعر تمام گهڻو اٿس ۽ ٻڪو ۽ سنڌيجيڊو بہ اٿس. هن جهڙو هن هونيئن وقت ۾ ڪو ٿورو هوندو.

ثابتعلي شاهہ جي تتبعي تي وري هزهائينس مرحوم مير حسنعلي خان ٽالپر تمام گهڻا مرثيا لکيا آهن ۽ ڇڳا ڇپيا اٿس.

انهي مان معلوم ٿيندو تہ هيئر اسانجي زماني ۾ جيڪو سنڌي شعر جوڙ ۾ ٿو اچي سو ٻن قسمن جو آهي. هڪڙو اوايل واري نج سنڌي شعر جي طرز يا نموني تي يعني بيتن ۽ ڪافين ۾، ۽ اهو آهي شاهہ صاحب جي تتبع يا پيروي تي، ۽ ٻيو آهي پارسي شعر جي طرز تي يعني مثنوي، قصيدن غزلن وغيره ۾، ۽ اهو آهي تتبع ثابتعلي شاهہ جي شعر جو. انهن ٻن قسمن جي شعر جا استاد اهي ۾

آهن. سيني قومن ۽ ٻولين ۾ ڪن خاص استادن جي شعر تي تتبع ڪرڻ جو دستور اول کان هلندڙ آهي، عيب ليکڻ ۾ نٿو اچي، ۽ اهائي تجويز آهي جنهنسان شعر ترقي ڪري ٿو ۽ درجي بدرجي ماڻهو چڱو شاعر ٿي سگهي ٿو. مٿي چيو ويو آهي ته جنهن هنرن جو ڪم آهي اڳوڻن استادن کي نقل ڪرڻ ۽ ائين ڪرڻ سان پنهنجي توڙي ٻين ماڻهن جي دل خوش ڪرڻ. ڪتابي علم جي سرمائي وڌائڻ لاءِ عمدو اپاءُ آهي سٺن ٻولين قومن جا عمدا ڪتاب ترجمو ڪرڻ ۽ عمدي شعر جي سڌارڻ جو اپاءُ آهي استادن جي شعر جو تتبع ڪرڻ يعني انهن جي نموني تي شعر چوڻ. اوهانکي عجب لڳندو ته انگريزيءَ ۾ عمرخيام جي رباعين جي شوق کان فارسي رباعي جو طرز اچي داخل ٿيو آهي جنهن سنڌي ۾ به ٿيو آهي يعني جنهن مصراعن جي بند مان پهرين ۽ ٻي ۽ چوٿين مصراع جو قافيو هڪجهڙو ٿو ٿئي. مثال لاءِ ٻه چار رباعيون عمرخيام جون سنڌيءَ ۾ ڏيان ٿو

(١) آءٌ آهيان گنهگار رضا تنهنجي ڪٿي
دل منهنجي تي بيمار شفا تنهنجي ڪٿي
ڏيندين جي بهشت تون عبادت جي عيوض
سودو ٿيو اهو بوءِ عطا تنهنجي ڪٿي.

(٢) ڪيسين اها عمر خود پرستيءَ ۾ لنگهي
يا روح جي نيستي ۽ هستيءَ ۾ لنگهي

مي ۾ ٻي، جنهن عمر ۾ جن اهڙا فڪر
بهتر ته آهي خواب يا مستيءَ ۾ لنگهي.

(٣) اي قاضي، آهيان تو کان خبردار وڌيڪ
نشي ۾ به تو کان آهيان هشيار وڌيڪ
ماڻهوءَ جو تون پيئين رت، آءٌ پيان ڏاک جو رت
چئو هاڻ ته آهي ڪير خونخوار وڌيڪ.

(٤) خيّام گناه لاءِ هي ماتم ڪهڙو
غم کاءِ نه، غم سان تنهنجو ٿيو ڪم ڪهڙو
جنهن ڪيو نه گناه تنهنکي بخشش نه ملي
بخشش ٿي گناه لاءِ، پوءِ غم ڪهڙو.

(٥) شيطان ۽ نفس، شهوت ۽ غصو آهه
جن چئني ٻڌي ڪري ڪئي مون تي ڪاهه
يا رب تون بچاءِ دشمنن کون مونکي
هڪ ڪک آهيان آءٌ ۽ چئو طرف آهي باهه.

انهي طرح انگريزي ناٽڪن جي ڪتابن جي طرز تي هيئنئر هندستان ۾ بلئنڪ ورس، جو رواج پيو آهي — يعني بي قافيه وزندار شعر جو، ۽ ڪيترن انگريزي ٿيٽرن تي ڏيڍي راڳ جوڙ ۾ اچن ٿا جي سڀ چڱا ٿا لڳن. انهيطرح استادن جي شعر جوڙ يا ٻين قومن جي عمدي شعر يا راڳ جو ترجمو انهي شعر جي طرز تي سنڌي شعر ۾ آڻڻ اها هڪڙي عمدي ڪوشش آهي سنڌي شعر جي

ترقيءَ لاءِ.

ٻيا ڙي ۾ مثال لاءِ آءٌ سچل فقير جي هڪڙي ڪافي اوهانکي ٻڌائيندس ۽ انهي جي تتبع تي پنهنجي ۾ ٻڌائيندس. سچل فقير جي ڪافي هيءَ آهي، جا اڪثر سُر جهنگلي ۾ان ڳائبي آهي! -

ڏسو عشق جو انصاف، ٻڙئي مذهب ڏڪيئين معاف

(١) مڪي وڃڻ مقصد ڪيهو، ڪريو اندر تن طواف

(٢) واديءَ ۾ وحدت جي، جڙي لام نہ ڪاف

(٣) الانسان سري وانا سره، ڏازين آهي غلاف

(٤) جوئي مذهب عشق جو سوئي آهي صاف

(٥) سچوانهي ڳالهہ ۾، خس نہ آهي خلاف

انهي جي تتبع تي هيءَ جڙي وئي آهي :-

منهنجو عشق ٿيو امام، ڪريان تنهنکي نت سلام

(١) عدم منجهان آدم آيو، ڇمندي ٿيو ڄام

(٢) نوري ناري ذات سندس، خاڪي سندس نام

(٣) ڪُلّ شيءِ يرجع - آهي اصل جو انجام

(٤) عشق جو مذهب نڪو، نہ ڪفر نہ اسلام

(٥) الف بنا پيو نہ سجهي، ميم نڪو لام

(٦) سچل ڏنو قليءَ کي، جوڙون ٻري ڄام

قليچ بيگ

عيوب الشعر

تنقيد هيٺ آيل شاعر:

شيخ اياز

تنوير عباسي

غلام محمد گرامي

شمشيرالحيدري

امداد حسيني

آثم ناٿن شاهي

عبدالحليم جوش

علي محمد مجروح

۽ ٻيا ٻرک شاعر

از قلم: علي محمد اسير مرحوم

مقدرات

اهو اڻ چاتايل اکر يا عبارت جا شعر ۾ آيل نه هجي پر پڙهڻ واري کي شعر جي سمجهڻ موجب سولائي سان ان اکر يا عبارت جي ڄاڻ پئجي سگهي تنهن کي مقدرات چئجي ٿو

ڪلام جي ڪنهن به حصي يا لفظ کي لڪائي رکڻ ڪن هنڌن تي مستحسن ۽ ڪن هنڌن تي معيوب ٿيو پوي. شاعر کي گهرجي ته قرينهٔ ڪلام جي برخلاف مقدرات بي محل واري عيب سان شعر کي داغدار نه بنائي.

مستحسن مقدر جو مثال ١-

علي محمد اسير:

در حقيقت دل جي آهي دل سان نسبت اي نديم
مان مران ٿو يار لئي ۽ يار منهنجي واسطي

يعني يار منهنجي واسطي مري ٿو. شعر ۾ مري ٿو جو اکر ڪم نه آيو آهي پر ڪلام مان صاف ظاهر آهي.

مستحسن مقدر جو مثال ٢-

قيصر قزلباش اسيري:

ڳالهه اڄ تنهنجي ستمگر پيو ڪن ڏيئي ٻڌي
اهڙو پيو موقع اظهار نه ايندو سائين

يعني جيڪي ڇوٽو اٿي ڇٽي ڇڏ . پوري عبارت مقدر آهي .

غير مستحسن مقدر جو مثال

آتش نظامي

يار ڪي غير غير يار نہ ڪر
خار ڪي گل ۽ گل ڪي خار نہ ڪر

" غير ڪي يار" هئڻ گهرجي - "ڪي" حذف ڪرڻ سان پوري مصرع تقدير بي محل جو شڪار ٿي وئي . اهو عيب شاعر جي لاپرواهي جو نتيجو آهي .

امداد حسيني :

اڪين جي رت ڪي سدا سانوڻي جي رت سمجهون
۽ دل جي جيڪا بہ موسم هجي بهار چئون

" تنهنڪي بهار چئون " هئڻ گهربو هو. ضمير متصل نہ هئڻ ڪري پورو شعر تقدير بي محل جي زد ۾ اچي ويو. شعر ناشناس دوستن جي واه واه شاعر ڪي نظر ثاني ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو.

خوش نصيبي تي ناز ٿو ڪريان
جو صنم مون تي مهربان آهي

هو ظالم، هو ستمگر، وانگر هو صنم هئڻ گهرجي . اسم اشاره جي نہ هئڻ ڪري تقدير بي محل جو عيب

پيدا ٿي پيو آهي .

شتر گربو

مون سان اسان، تون سان وهان، اوهان سان تون ۽ هن سان آنهن وغيره جو اجتماع هڪ شعر ۾ جائز ڪونهي. ائين ڪرڻ سان ساڳئي وقت تعظيم ۽ تحقير جا صيغا اچي وڃن ٿا ان عيب کي شترگربو چوندا آهن .

پراڻن شاعرن جي وقت ۾ انهيءَ ڏانهن ڪو خيال نه ڪيو ويندو هو پر هاڻ ان عيب جو دور ڪرڻ ضروري آهي. مثلا :

بيدل :

توکان وڌ پيو جهان ۾ ڪونهي
هي اوهان جو خيال آ سهڻا

آزاد:

ڏسي مون کي مجبور مرڪي ٿو ظالم
زمانو اسان سان ائين ڇو ڪري ٿو

ڊاڪٽر سدا رنگاڻي خادم :

نه ڪاڻي بزم چمن ۾ اچايو ٿي بلبل
ڏني ٿي نيند ته شاعر ڪريو غزلخواني

شاعر واحد آهي ۽ ڪريو جمع آهي. خطاب جي صورت ۾ علامت جمع ضرور ڏيڻ گهرجي. مثلاً: اي شاعرو اي دوستو وغيره.

عبدالعزيز بيدل:

بس مختصر ته زندگي آهي جيون پيا
ٻي ڇا ڀڄو ٿا يار اسانکان اسانجي ڳالهه

محمد حسن ساز:

انهي جو ڪجهه به نه آهيان گهٽو ٿي جنهنجو هٺس
ڪٿان جي ڳالهه ڪٿي آئي آهي يار ڏسو

يارڪي مخاطب جمع جي حالت ۾ يارو ڇٽبو، ان قاعدي جي خلاف ورزي ڪرڻ فن تي ظلم ڪرڻ آهي.

استاد بخاري:

ڪاندارجي ويا آهيو اي وار وار ڇا ڇئجي.

هڪ پيرو "وار" چوي ها ته جمع جي معنيٰ ڏيئي سگهي ها پر وار وار چوڻ سان تڪرار واحد جو صيغو ٿي پيو.

چوڻي آهي ته ڇوڏو ڇوڏو ڪو نه اوڏو. يعني هرهڪ ڇوڏو الڳ.

ان کان سواءِ اسم واحد جي تڪرار سان حرف ندا جو استعمال به قطعي غلط آهي.

هڪ مصرع تمام ٻانڊ ۽ بليغ هجي ٻيو مصرع بندش مضمون يا معنيٰ جي لحاظ کان پست هجي ته اهو به شتر گربو ٿي پوندو.

علي محمد مجروح:

ڪڏهن قفس ڪڏهن مقتل ڪڏهن فرازدار
اسان جي ڀاڳ ۾ آهن هي ٻستيون يارو

هن شعر جي ٻوئين مصرع نهايت فصيح ۽ بليغ آهي مگر مصرع اوليٰ متعدد غلطين سان ڀرپور آهي. جهڙوڪ "مقتل" ۽ "فرازدار" جي معنوي يڪسانيت ۽ "فرازدار" ۾ رواني جي ڪمزوري (فرا - زي - دار) اکر اکر جدا پيو پڙهجي. تنهن ڪري شعر شتر گربي جي زد ۾ اچي ويو.

اهڙيءَ طرح ٻهرين مصرع لفظي شان و شوڪت ۾ فارسي پئي معلوم ٿئي ۽ ٻي مصرع سليس سنڌي هجي ته به شتر گربي کان خالي ڪونهي.

خادم لاڙڪاڻوي مرحوم:

به پيش داور محشر وفاداري جي پُرسش ۾
خوشي سان شاهدي ڏيندو سڄڻ سارو جهان منهنجي

مصرع ۾ رڪن جي ڪمي سبب جا ننڍ وڏائي پيدا ٿئي ٿي سا به عروضين جي نزديڪ شتر گربو آهي. جئن:

ذوالفقار راشدي:

زمانو گهٽو ٿيو   جواني به ويئي   مگر پوء به ڏوان

مگر پو به سائين

اسين اڄ به تنهنجا   ۽ تولائي آهيون   مگر تون نه آئين

مصرع ثاني ۾ ٻه رڪن گهٽ آهن، يعني ٨ فعولن بدران ٦ فعولن.

اهو به ايستائين محدود ڪونهي بلڪ پوري قطعه يا پوري غزل ۾ اچي سگهي ٿو.

مثلاً: قطعي جو پهريون شعر ٻوئين شعر جي مقابلي ۾ پست هجي يا غزل جو اڌ حصو زوردار ۽ باقي اڌ حصو پرتي وارن شعرن تي مشتمل هجي ته چئبو ته مجموعي طور سان قطعو يا غزل شتر گربي جو شڪار ٿي ويو.

امداد حسيني:

نه چپن کي ٿي تو چوريو نه نگاهن کي ڪنيو
آئون هن مات مان سمجهان ته ڀلا ڇا سمجهان

پيار يا انڪار غصو يا اقرار يا رسم
تون ٿي چئو ناز ادا شرم حيا ڇا سمجهان

پهريون شعر سٺو آهي ۽ ٻوئين شعر ۾ رکو اجاين اکرن جي ڀرمار آهي گويا ناقص ڪاميابي جو مظاهرو ڪيو ويو آهي.

ذم

هي اهڙو بي ڍنگو پهلو آهي جنهن تي ماڻهن کي بيساخته کلڻ جو موقعو ملي ٿو . هن جا ٻه قسم آهن، پهريون ته پوري شعر مان ٻه مطلب نڪرندا هجن جن مان هڪ فحش يا قبيح هجي مثلاً:

عدو کم بخت کي هردم ڏسان ٿو
لڳو ٿي ٿو رهي دلبر جي پٺيان

ٻيو ته شعر ۾ هڪ يا ڪجهه لفظ اهڙا هجن جن مان خراب معنيٰ نڪرندي هجي .

آتش نظامي:

معرفت جا کلن ٿا راز و نياز
هن صراحي مان جام ٻي کوڏسي

"ٻي" ۽ "کو" جي گڏجڻ سان جيڪو اچار پيدا ٿئي ٿو سو اگهاڙو ذم آهي .

ساجد سرشاري:

چيو هڪ رند ٿي ٻي کي ڏسي ميخاني جو در بند
ڏيئي تون پنهنجو سر هي در ٻڌائيندين ته چا ٿيندو

مصرع ثاني ۾ ذم جو شرمناڪ عيب موجود آهي .

هري دريائي دلگير :

شرم کان هيٺ اکين کي تو جهکايو ڇا لاءِ

نيڻ کڻ مون سان نہ ڳالهاءِ ڀلي ڏس تہ سهي

تنوير عباسي :

جن کي ٻڌڻ سان شرمائجي وئين

نادان هيون سي تنهنجون کهاڻيون

مٿيان ٻئي شعر نفس مضمون جي لحاظ کان ذم آلوده آهن.

آزاد

اي مان تو تان قربان بنام محبت

ڀري پيار ساقي تون جام محبت

"اي" ۽ "مان" تقطيع ۽ ادائيگي ۾ امان ٿيو پوي

جنهن کري مصرع مضحکہ خيز ٿيو پوي .

ان کان سواءِ وجهڻ کڍڻ کرڻ جي مشتقات سان

بہ ذم جو پهلو نکري ٿو انهيءَ کري گهرجي تہ جيترو

ٿي سگهي ان عيب کي هٽائي ڇڏجي .

کڏهن کڏهن ذم جو پهلو خفيہ هوندو آهي بظاهر

معلوم نہ ٿيندو آهي پر ٿوري غور کرڻ سان قباحت ظاهر

ٿي پوندي آهي . مثال لاءِ هيٺيان شعر ڏسو :

منير سولنگي :

بي وفا سان ٿهي ته وچجي پر
غير سان همڪنار اڄ ٿي آهه
معشوق کي پيشه ور زال بڻائي ڇڏيو اٿس .

آتش نظامي :

آيو آهين ته قيل و قال نه ڪر
بي مزي محفل وصال نه ڪر
ارادي جي قباحت ظاهر آهي .

SOORIH SINDHI ADAB

بعض اوقات فارسي زبان جو صحيح اکر به سنڌي مضحڪه خيز ۽ معيوب ٿي پوندو آهي :

بيخود حسيني :

گدائي بينوا تي قرب جي ڪر ڪا نظر ساقي
شراب لاله گون سان جام هڪ پرپور ڪر ساقي

مصرع ثاني جو ٻڌو حصو "گون" سان جام هڪ پرپور پيو سمجهڻ ۾ اچي، سنڌي سامع لاءِ گون ڪراهت آميز اکر آهي .

نظم ۽ نثر جي زبان ۾ فرق نہ ڪرڻ سبب شاعرڪان نهايت افسوسناڪ ۽ ناگفتہ بہ اکر صادر ٿيو وڃن .

آٿم ناٿن شاهي .

يعني ماضـــي ڏي ٽـــون ڪاڪـــا
ڪاٿ نہ هرگز موٽ زمانا ڏاهو ٿي

"يعني" جي جاءِ تي ڪو ٻيو اکر هئڻ گهرجي، نہ تہ عام پڙهندڙ "يعني" مان ڪار ڏانهن متوجہ ٿيندو .

—o—

SOORIH SINDHI ADAB

ابتذال

شاعري جو جوهر مذاق سليم آهي يا مذاق سليم جو جوهر شاعري آهي. ابتذال اهو مضمون آهي جو مذاق سليم کان بالڪل پري هجي. مثلاً: معشوق جي تعريف اهڙيءَ طرح ڪرڻ جو هو بازاري ۽ گهٽ درجي وارو ثابت ٿئي. ڏٺو ويو آهي ته اڪثر شاعر معشوق جي بيوفائي بيان ڪندي شعر ۾ اهڙا اکر ڪم آڻيندا آهن.

بيدم:

عدو ويٺو رهيو هن بيوفا کي
پري محفل ۾ سيني سان لڳائي

نياز علي شاه محسن:

بي ڌڙڪ بي خطر مٺا سائين
چوٽ تي چوٽ ڪرمٺا سائين

اهڙين ڳالهين سان شاعر جي مذاق سليم تي حرف اچي ٿو. انهيءَ ڪري سخنور کي ان انداز بيان کان احتراز ڪرڻ گهرجي.

گهڻا شاعر ته جنس زده ۽ عريانيت پسند ٿي پيا آهن ۽ شرم جون اکيون پوري بيحيائي جي زبان کولڻ کي نئي ادب سمجهڻ لڳا آهن .

امداد حسيني :

رات اڄ سڏڪا ڀري روئي پئي اهڙي طرح
جئين وڃي نڪجي ٿي وعدن تي ڪا ڀوري ڇوري
صبح جيئن ماءُ جيان پيار سان پيو سمجهائيس
جيڪي ٿيڻو هو ٿيو رو نه ندوري ڇوري

قاري تي هن فحش مضمون مان جيڪو اثر مرتب ٿئي ٿو سو ڪيڏو نه ذهن کي خراب ڪندڙ آهي .

—٥—

مخالف قياس لغوي

زبان يا صرف و نحو جي قاعدي جي خلاف ڪو لفظ يا محاورو استعمال ڪرڻ کي مخالف قياس لغوي چوندا آهن، انهيءَ جا ڪيئي قسم آهن ڪنهن اکر کي وڌائي ڇڏڻ، ڪنهن حرف کي اصل ڪلمي مان خارج ڪري ڇڏڻ، مشدد حرف کي بلا تشديد ۽ ان جي برعڪس ڪم آڻڻ، اضافت کي ساقط ڪرڻ، متحرڪ لفظ کي ساڪن ڪرڻ ۽ ان جي برعڪس وغيره وغيره. اسان وٽ ان قسم جون غلطيون ڪرڻ عام رواج ٿي پيو آهي. نه ڪنهن نقاد جو هڏ ڏکي ٿو جو ان لغزش ڏانهن شاعر کي متوجه ڪري ۽ نه ئي ڪو شاعر انهن عيبن کي دور ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪري ٿو.

نديم انصاري:

زندگي شڪم جي قدم تي جهڪي
سخت ڳوڙهي زمين کي ارزايو

"شڪم" جي ڪاف تي زبر آهي، پر شاعر ساڪن لکي ڏيو.

مران علي ڪاظم :

بدوش ابر ٿو اڇي سر يسر ملڪ، بهار
ز عرش تا به فرش ٿي ويون ٻپا ضيافتون

"ملِڪ" جي ل تي زير آهي. مراد علي ڪاظم مرحوم غلط تلفظ ڪم آندو آهي.

تنوير عباسي :

دل جي خلش هڪ مبهم مبهم ٿي ويندي اڄ زيست جو حاصل
ديدهٔ پرنم مهر خموشي ڇٽي ڏيندا احوال مفَصل

"مفصل" جي ص تي زبر آهي حاصل جو قافيو منصل ناش غلطي آهي.

نياز علي شاه محسن:

غير ممڪن جو انهي کان نه ٿئي متاثر
پوءِ ديسي ٿئي هجي يا ڪو هجي پرديسي

"متاثر" فعولن جي وزن تي هڻ گهرجي. ث تي شد هڻي نياز علي شاه صاحب شديد غلطي ڪئي آهي.

آثم ناٿن شاهي :

هو عصمت جو نيڪر هو غيور نينگر
ڏسي اک ڪٿي ڪو ته ٻگڙي پوي ٿي

"غيور" بر وزن بلّور قطعي غلط آهي.

عبدالله خواب :

هڪ جهان آباد جن جو منهنجي آب وگل ۾ آهه
ڪاروان انسانيت هين دور جو منزل ۾ آهه

” ڪاروَان “ تي زير اضافت گهرجي .

شيخ اياز :

اي پرين هن جهان تمنا ۾
ڪير آ ڪنهن جو يار موٽي آ

” جهان “ جي ن تي زير اضافت نه ڏيڻ، ناقابل معافي غلطي آهي .

پير محمد پياسي :

تي کهيس آزاد دائم ڪوئي فڪر و غم نه هو
زلف پيچان جو دل ابهم تي پيچ و خم نه هو

” دل ابهم “ نهايت مهمل ترڪيب آهي .

شمشيرالحيدري :

هر گهڙي گويا ازل کان ٿي شروع
هر گهڙي گويا ابد تي ختم

”ختم“ ۾ وزن قدم عاميانه زبان آهي. قادرالڪلام شاعر کي محتاط رهڻ گهرجي .

شمشير الحيدري :

اڄ وري تخليق کي شاعر مليو
اڄ وري دنيا کي پيغمبر مليو

شاعر سان پيغمبر جو قافيو؟

معلوم ٿئي ٿو ته شاعر اعراب ۽ قوافي جي خلاف شمشير بکف آهي .

متفرقات

ان کان سواءِ ٻين فني عيبن ڏانهن ٻ، شاعر کي نظر ڪرڻ گهرجي، جن جو بيان علم بلاغت جي ڪتابن ۾ ڄاڻايل آهي. جهڙوڪ: غرابت لفظي (نامانوس اکر جو استعمال) عيب تنافر و اثقال (هم مخرج اکرن جو گڏجڻ) ضعف تاليف (رواني ۾ نقص اچڻ) وغيره وغيره. جيئن سندس ڪلام فني نڪته نگاه کان بي عيب ۽ معياري ثابت ٿئي.

غرابت لفظي جو مثال

شمشير الحيدري:

هر هند زر جو زور ٿئي پيو
انسان ڪشٽ مان نڪري پيو

"ڪشٽ" سنڌي ٻولي ۾ غريب ۽ نامانوس اکر آهي.

عيب تنافر جو مثال

غلام محمد گرامي:

فروغ گل ٻ، بي ثبات جام گل ٻ، ٻي فروغ
تنهن تي پنهنجي شاعري کي ڪين بي وقار ڪر

سڄو شعر غت ربود ٿي ويو رڳي "ٻي ٻي" رهجي وئي.

ضعف خاتم جو مثال

شيخ اياز:

مرڪ ڪي مرڪ سان محبت آ
مست آهيون مدام پيئون ٿا

پيئون (فعو) ڪي ٿي - اون (فعلن) جي وزن تي لکڻ ضعف خاتم جي فاش غلطي آهي.

شاعري باقاعدي فن آهي ۽ هر ڪنهن فن جا لوازمات هوندا آهن، انهن کي نظرانداز ڪرڻ دراصل ادب ۽ فن جي خدمت ڪانهي پر هڪ طرح جي غلط روي ۽ ذهني پسماندگي آهي.

فن جي تڪميل لاءِ ڪافي رياضت، ديده ريزي ۽ نهايت صبر آزما مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. شاعري ٻچن جي راند ڪانهي جو قلم کڻندي ئي شاهڪار تيار ٿي ويو. شعراءِ ڪرام کي سنڌي زبان ۽ ادب خاطر محنت ڪان پڇڻ ۽ اکيون ٻوري لکڻ جي عادت ترڪ ڪرڻ گهرجي.

اڪثر شاعر رڳو مصرع پوري ڪرڻ لاءِ ته - به - ئي - بس - تڏهن - سو - پيو وغيره اهڙي هنڌ ڪم آڻيندا آهن جتي انهن اکرن جي ڪا ضرورت ڪانه هوندي آهي، جيڪڏهن ان قسم جا پورائي لاءِ ڪم

آندل اکر ڪلام مان ڌار ڪيا وڃن ته ڪلام ۾ حسن پيدا ٿي سگهي ٿو. اهڙن حشو ۽ زائد عيبن کي مناسب ڦيرگهير سان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي.

سليم ڳاڙهوي:

جڏهن جو صبر ۾ سالم صداقت ۾ سليم آهيان
زمين جو ذرو ذرو چوي ٿو منهنجو هم زبان ٿيندو

"جڏهن جو" کهڙي پاسي جي ٻولي آهي.

علي احمد ساحر:

شراب نگهه ۾ ٿيو اهڙو سرور
پيئڻ سان ئي بس ٿي وڌي تشنگي

بس جو اهو استعمال قطعي متروڪ آهي.

عبدالحليم جوش:

ڪين ڪرين ها جي بند هي ته چڱو هو
خانهٔ مئي ڇا هو جي ته باز رهي ها

مصرع ثاني ۾ "ته" محض ڀرتي طور آندو ويو آهي.

ڊاڪٽر سدا رنگاڻي خادم:

عجب شباب جي مستي ٿي وحشت افزا ٿي
ڪندي اسان کي به ديوانو نيٺ ديواني

پهريون "ٿي" بي موقع آهي.

ولي محمد وفا:

راهه رو منزل ڏي وڃندو ئي رهيو
ڪين ڪنهن مشڪلات سو مجبور ٿيو
"سو" شعر کي ڪمزور ڪري ٿو ڇڏي.

خوش نصيبي تي ناز ڪريان ٿو
جو صنم مون تي مهربان آهي
"جو" بدران هو صنم هئڻ گهرجي.

تنوير عباسي *

هي بهار آهي يا ارمانن جو آهي قتل عام
خون جي بو آ مليل گلڙن جي هن سرهاڻ ۾

شاعر ٿورو غور ڪري ها ته "هن" وارو عيب نڪري سگهيو ٿي.

عبدالحليم جوش:

تون سڪون جي تلاش پيو ٿو ڪرين
مون سڪون کي به بيقرار ڪيو
پيو سان "ٿو" نهايت غيرفصيح ۽ عاميانه آهي.

---

* مٿيون شعر سماهي مهراڻ ١٩٥٦ تان ورتل آهي.
هاڻ شاعر پنهنجي مجموعه ڪلام "رڳون ٿيون رباب" ۾ هن ريت درست ڪري لکيو آهي:
"خون جي بو آ مليل گلڙن سنديءَ سرهاڻ ۾"

وزن جي پوراٽي لاءِ اسان جا شاعر نہ فقط حشو ۽ زائد جو استعمال ڪن ٿا پر غلط اضافتن، لفظن جي غلط اچارن ۽ اکرن جي ساقط ٿيڻ جو بہ ڪو خيال نٿا ڪن.

شيخ عبدالله عبد:

هي برف ساڻ ڍڪيل چوٽيون ڪوهسارن جون
هي تن تي رانديون شعاعن جون ماه پارن جون

چوٽيون ۽ رانديون ۾ "يون" علامت جمع وزن کان صفا ڪريو پوي. ٿي لفظ جمع جي بدران واحد ٿيو پون يا للعجب!

بشير موريائي:

آرزو زنده رهڻ جي تنهنجي سيني منجهہ آهہ
موت جي ديوي خلاف عزم بغاوت تو ۾ آهہ

ع جو سقوط نهايت افسوسناڪ آهي.
شاعر ڪسي خبر هئڻ گهرجي تہ الف وصل ٿيندو آهي، ع يا ح وصل نہ ٿيندا آهن.

آذر ناٿن شاهي:

هو عصمت جو پيڪر هو غيور نينگر
ڏسي اڪ ڪٽي ڪو تہ بگڙي پوي ٿي

"غيور" بروزن غفور آهي يائي مشدد سان. (مفعول جي وزن تي) غلط آهي.

اڪثر شاعر اڪيون پوري شعر لکڻ جا ٻه عادي آهن.

شبير هاتف:

تنهنجا هٿ دست صبا جهڙا هٿ
اورتي ڪر ته چُمي دل جو گلاب

يعني هٿ صبا جي هٿ جهڙا هٿ. سبحان الله

بعض شاعر فارسي کان نا واقفيت سبب "صفت" ۽ "اضافت" جو فرق به نٿا سمجهي سگهن، جنهن ڪري اچين ڏ پيندا وڃن.

شبير هاتف:

ڪٿ زاهد حرم ۽ ڪٿي مئي ۽ ميڪدو
هي فيض آهي ساقي چشم غزال جو

غزال چشم کي "چشم غزال" چوڻ ائين آهي جيئن شير دل کي "دل شير" چوڻ.

ڪڏهن ائين به ٿئي ٿو جو وزن پوري ڪرڻ لاءِ ٻان ۽ محاوري کي به نظر انداز ڪيو وڃي ٿو.

علي محمد مجروح:

دير ۾ ڪعبي ۾ بتخاني ۾ ويراني
تو کي ڳوليندا وتن تنهنجا طلبگار ڪٿي

ٻرهِ مڙيوئي باغ

چونڊ سنڌي ڪلام

پهريون ڀاڱو

"رشيد" لاشاري

سال ١٩٨٨ع

ترتيب ڏيندڙ ۽ ڇپائيندڙ
عمرالدين بيدار

ارپڻ

[ت]هنجي فڪر ۽ فن جي نالي —

[ج]هن جي لا فاني عنصر منجهان، هڪ ابدي زندگيءَ

[ج]ي تصوير نظر اچي ٿي.

درد مندن جا داغ، جنت جو جنسار،

بره مڙيو ٿي باغ، ڪونهي ٻيلي جهان ۾.

(رشيد لاشاري)

١٩٦٧ع

SOORIH SINDHI ADAB

فهرست

پنهنجي پچار رشيد لاشاري ٤
مهاڳ پروفيسر شيخ عبدالراق "راز" ٩
پبلشر پاران ... .
غزل ....
نظم ....
آزاد نظم ....

SOORIH SINDHI ADAB

پنهنجي ويچار

ڪن وقتن تي انسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا مشڪل مرحلا به درپيش ايندا آهن، جن کان هو گهٻرائجي پنهنجي زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏيندو آهي، پر ڪيس اها خبر نه هوندي آهي ته انسان جي انهن تلخ وارداتن سان هڪ عظيم ڪائنات جي تنظيم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته انسان بذات خود هڪ اجتماعي زندگيءَ جو ٻالڪ آهي. جيڪڏهن ڪنهن انسان کي پنهنجن ڏکن ۽ مصيبتن جي دوران اها خبر پئجي وڃي ته اهو سڀ ڪجهه سندس ايندڙ وقت جي بهتريءَ لاءِ ٿي رهيو آهي ته شايد سندس فطري صلاحيتون اتي جو اتي سلب ٿي وڃن ۽ هو پنهنجون اهي تخليقون ڪڏهن به ظاهر نه ڪري سگهي، جن جو تعلق سندس ابدي ۽ فطري زندگي سان آهي.

مون کي به پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا هزارين مشڪل مرحلا درپيش آيا آهن. مثلاً: ننڍي هوندي کي يتيميءَ جو داغ پرائڻ ۽ پوءِ تدريسي علوم حاصل ڪرڻ جي بدران سڄي موجوده پاڪستان جي مختلف شهرن، ڳوٺن جبلن، ريگستانن، سرسبز وادين، خيابانن ۽ بيابانن ۾ پنڌ ڪري، هر زبان، هر ماحول ۽ هر علائقي جي تهذيب ۽

SOORIH SINDHI ADAB

تمدن جو مطالعو مون لاءِ ڪائنات جي مشاهدي جو اهو عظيم درس هو، جو شايد موجوده مهذب دنيا جي وڏين وڏين يونيورسٽين مان به حاصل نه ٿي سگهي ها.

اهو ئي سبب آهي جو هن ادبي دنيا ۾ جيتوڻيڪ منهنجي مقابلي ۾ ڪيترائي ادبي بت کڙا ڪيا ويا ۽ هزارن حيلن ۽ حربن، سان مون کي ذهني ۽ معاشي پريشانين ۾ مبتلا ڪري، انهن ادبي بتن اڳيان مٿي ٽيڪڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو، پر، خدا جي فضل سان منهنجين ازلي ۽ فطري صلاحيتن کي ڪوبه ختم ڪري نه سگهيو.

زمانو ظلم جو مرڪز ته دل آهن جو گهر آهي،
اهو مونکي جلائي ٿو ته مان ان کي جلايان ٿو.
(لاشاري)

منهنجو تعليمي ۽ تدريسي دور، خيرپور ميرس ۾ رهائش جي دوران ١٩٤٢ع ۾ برادرم ”حاميءَ“ جي حمايت سان شروع ٿيو. سن ١٩٤٨ع ۾ جڏهن ڪراچي ۾ سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي، تڏهن جناب آغا تاج محمد خان مرحوم جي رفاقت ۾ مان به هليو آيس. سنه ١٩٥٠ ۾ جناب شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائود پوٽه مرحوم جي مهربانيءَ سان حيدرآباد ۾ اچي، تعليم کاتي ۾ گهڙيس ۽ ڪافي عرصو ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ تدريس جا فرائض انجام ڏيندو رهيس. سن ١٩٥٣ع ۾ مون تي دم ڪشيءَ جو دورو بريءَ طرح غالب ٿيو ۽

ڪيترو عرصو سول اسپتال حيدرآباد ۾ حضرت عزرائيل سان ڳالهيون ڪندو رهيس ۽ قدم قدم تـي گوناگون مصيبتون در پيش ايندڙيون رهيون.

اهڙيءَ طرح انهيءَ عرصي ۾ پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻيا به اهڙا مشڪل مرحلا در پيش آيا، جن کي قلم جي نوڪ سان ڪڏهن به بيان ڪري نٿـو سگهجـي. نيٺ مختلف جاين تي نصيب آزمائي ڪرڻ کان پـوءِ سنڌي ادبي بورڊ ڪراچيءَ ۾ اچي ملازمت اختيار ڪيم، مگر ڪن نظرياتي اختلافن جي ڪري، مون کـي زبردست سازشن جو شڪار ٿيڻو پيو.

دوستن جي دوستي هڪدم دشمني ۾ تبديل ٿـي ويئي. بنا ڪنهن نوٽيس جي مون کـي هڪدم الڳ ڪيو ويو. ۽ اتان ئي مون کي زماني جي بي قدري ۽ نعري باز دوستن جي طوطا چشمي جي سزا تمام بري طرح سان ڀوڳڻي پئي. ڪافي عرصو بيڪار ۽ بيمار رهڻ کان پوءِ ماهنامه نئين زندگي ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪيم پر اتان به مون کي هڪ خاص ڊراماڻي انـداز ۾ هڪدم برطرف ڪيو ويو.

انهيءَ کان پوءِ نيٺ حاجي عبدالله هارون ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار ٿيس. پر پوءِ اتان به الڳ ٿيڻو پيو. اڪثر به انهيءَ ننگيءَ تي ننگ آهي، جيڪو هڪ دروازو بند ڪندو آهي ته ڏهه کوليندو آهي. (هي مسودو، ١٩٦٢ع ڌاري هن جي، روزانه مهراڻ جي ملازمت وقت

هن منهنجي حوالي ڪيو هو. عمرالدين بيدار).

جيئن ته منهنجي سموري زندگي ڏکن ۽ مصيبتن ۾ گذري آهي، تنهن ڪري نديئن کان وٺي شاعري ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن جي ذريعي آءٌ پنهنجي اندر جي آڙاهه کي ٿڌا ڪي هٽي ڇمڪائيندو رهان ٿو. آءٌ جڏهن به شعر لکندو آهيان. تڏهن پنهنجي زندگيءَ جي حالتن کان متاثر ٿي ڪري. جيتوڻيڪ ڪي احباب مون کان فرمائشي شاعريءَ جو ڪم وٺي، پنهنجو مقصد حاصل ڪندا رهيا آهن، پر آءٌ انهيءَ شاعريءَ کي پنهنجي داخلي زندگيءَ کان بلڪل دور ٿو سمجهان. بهرحال منهنجي شاعري خود منهنجي زندگيءَ جو عڪس آهي ۽ منجهس ڪنهن به خارجي فڪر ۽ تخيل جو ڪو دخل ڪونهي.

آءٌ پنهنجي محترم دوست پروفيسر شيخ عبدالرزاق "راز" جو نهايت شڪرگذار آهيان، جنهن منهنجي ڪيترن گون ڪلام جو نهايت موزون ۽ مناسب حال انتخاب ڪرڻ فرمايو آهي ۽ ان تي عالمانه ۽ محققانه پيش لفظ لکي، مون کي پنهنجي حقيقي رنگ ۾ عوام ۽ ادبي دنيا سان روشناس ڪرائڻ چاهيو آهي.

اهڙيءَ طرح مان پنهنجن ٻين هر دلعزيز دوستن، محترم سيد سردار علي شاهه (ايڊيٽر روزانه مهراڻ) ۽ پروفيسر عبدالمجيد سنڌيءَ جي شڪريه ادا ڪرڻ کان سواءِ به نٿو رهي سگهان، جن جي برادرانه صلاح سان

موتي جهڙي فقير بينوا کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي مجموعہ ڪلام تيار ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. خداوند ڪريم شل اهڙن دوستن کي سلامت تاقيامت رکي.

رشيد لاشاري.

مهاڳ

بر صغير هند و پاڪ جي آزاديءَ کان پوءِ، سنڌ ۾ شعر و سخن جون محفلون، ڪجهه سالن جي لاءِ خاموش ٿي ويون ۽ ادبي دنيا نئين ماحول ۾ نئين ڪشمڪش جي جائزي وٺڻ ۾ مصروف ٿي ويئي. قريبا هڪ سو سالن جي جد و جهد کان پوءِ جڏهن آزادي نصيب ٿي هئي ۽ آزاد مملڪت جو شاعر، هڪ نئين فضا ۾ ساهه کڻڻ لڳو هو.

انهيءَ دور ۾ جن ٻه نظر گو شاعرن جا نالا ادبي دنيا ۾ افق تي نمودار ٿيا، تن ۾ رشيد لاشاري جون ڪاوشون قابل تحسين آهن. اسان جي خيال موجب هن پنهنجي زندگي حصول علم وادب جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

سنڌي شاعريءَ جي موجوده زماني تي جيڪڏهن نظر ڪجي ٿي ته انهيءَ شاعريءَ متعلق ڪيترائي مبهم ۽ منتشر خيال ذهن ۾ اچيو وڃن. شاعريءَ کي اسان جي ڪيترن دوستن ڪنهن شعبده بازيءَ جو حصو سمجهيو آهي. فن جو مطالعو ڪرڻ ته شايد ڪيترن جي دست رس کان ٻاهر هجي. پر فن تي نظر اڇلائڻ به هنن کو گناهه سمجهيو آهي. تنهن ڪري شاعريءَ جي فن سان بسا اوقات هٿ چراند ڪئي ويئي آهي.

ليڪن رشيد لاشاريءَ جيڪڏهن شاعريءَ کي پنهنجي جذبات جي اظهار جو ذريعو سمجهيو ته ان سان گڏ فن جي باريڪين کي ڪنهن به وقت نظر انداز نه ڪيو آهي. انهيءَ ڪري رشيد هڪ پختو مشق شاعر بڻجي پيو آهي.

گذر معاش جي تنگ ودو ۾ رشيد ڪيترن ئي مشڪل مرحلن کي منهن ڏنو. معاش سان گڏ زندگي جي رسه ڪشيءَ ۾ هن مردانه وار مقابلو ڪيو. مفلوڪ حاليءَ سان گڏ بيماري منجهس هڪ ياس انگيز ڪيفيت پيدا ڪئي، جنهن سندس دل جي اونهي داغ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو.

عليل ۽ بي سهارا شاعر، توڪل جو ترهو ٻڌي، ظاهري مصائب سان زور آزمائي ڪندو رهيو. اهڙي قسم جا نقش ۽ جهلڪيون رشيد جي شاعريءَ ۾ جاءِ بجاءِ موجود آهن. جيئن دنيا جي سرد مهريءَ تي، دل مان هڪ آهه نڪري چيخ جي صورت اختيار ڪري.

رشيد، شاعريءَ جي هر صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، جنهن ڪري سندي شاعريءَ کي سندس طفيل هڪ وڏو ذخيرو حاصل ٿيو آهي. جيتوڻيڪ بعض اوقات سندس بسيار گوئي دل تي هڪ وڏو بار بڻجيو پوي ٿي. پر سندس محنت و مشقت جي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هو ڪنهن وقت قنوطيت جي اوڙاهه ۾ ڦاسي پوي ٿو ۽ ڪنهن وقت روشن منزل جي طرف

ڳاڙن رهي ٿو.

شاعريءَ ۾ سندس قصيده خواني، پراڻي فارسي درباري شاعريءَ جو عڪس پيدا ڪري ٿي. سندس بيتن ۾ جامعيت آهي. جنهن سان ڪنهن پرپور احساس جي نشاندهي ٿي سگهي ٿي. سندس ڪافين ۾ رس ۽ رچاءُ آهي. غنائي شاعريءَ ۾ رشيد گهٽي قدر سنجيده واقع ٿيو آهي ۽ مٿس روايت جو گهڻو اثر ڏسجي ٿو، تنهن هوندي به هو ماضيءَ ۾ گم ٿي نٿو وڃي.

اردو ۽ فارسيءَ جي غزل گو شاعرن جا فرسوده تصورات ۽ بي روح خيالات سنڌي زبان جو ويس ڍڪي اسان جي سامهون اچن ٿا، جن ۾ حقيقت پسنديءَ جو فقدان آهي، تاهم رشيد پنهنجي سعي و ڪوشش سان غزليات جي وڏي حصي ۾ جديد نظريات کي پيش نظر رکيو آهي. جنهن ڪري سندس غزلن ۾ رنگيني ۽ روانيءَ سان گڏ بيساختگي پيدا ٿي آهي. سندس دل جي آواز ڪيترين دلين کي مسحور بڻايو آهي. ڪنهن وقت منجهس دلڪشي جو پرپور تصور نظر اچي ٿو.

رشيد، نظم جي صنف ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. زندگي جي ”نشيب و فراز“ جون مختلف تصويرون سندس نظم ۾ روان دوان نظر اچن ٿيون ۽ هو پنهنجي نظم ۾ زنده ۽ با شعور شخصيت جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو. هن معاشري جو چڱيءَ طرح معائنو ڪيو آهي، ۽

معاشري جي هر ناسور جي علاج جو متلاشي آهي. ليڪن کيس ڪو علاج نظر نٿو اچي ۽ ناسور پنهنجي جاءِ تي قائم آهي.

سنڌي شاعري ۾ رشيد ڪيترن جديد مسائل کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي، جن ۾ حب الوطني جو تصور ايترو ڪارفرما آهي جو سندس سموري شاعري تي ڇانئجي ويو آهي. ”وطن جو غازي“، ”سنڌ جا سورهيه“ ۽ ”نئون عهد“ اهڙا مثال آهن، جن کي ٻين ٻولين جي شاعريءَ جي مقابلي ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.

هن کي پنهنجي وطن جي هر چيز درياهه، جبل، بيابان ۽ برسات وغيره سان والهانه محبت آهي. نظم جي مرڪزي خيال جي ارتقا لاءِ رشيد ۾ نظم جي تسلسل قائم رکڻ جو برجستو شعور آهي. انهي ڪري هن جي شاعري فني ۽ فڪري لحاظ کان ٻين نظم گو شاعرن کان مختلف نظر اچي ٿي. ڪنهن نقطهٔ نظر کي پيش ڪرڻ جو هن ۾ اعليٰ سليقو آهي. ”عيد آئي“ ۽ ”مفلس اديب“ معاشرتي نظام تي هڪ ڀرپور چوٽ آهي. جن ۾ سماج جي ڪمزورين کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

جيتوڻيڪ رشيد ۾ رومانيت گهٽ نظر اچي ٿي پر منجهس روماني شاعري ڪرڻ جو هڪ انداز موجود آهي. رشيد ڪيترائي غزل لکيا آهن، جن ۾ جمالياتي

جهلڪيون جاءِ بجاءِ نظر اچن ٿيون. جيئن ته رشيد ۾ فني شعور بدرجهء اتم آهي. تنهن ڪري هو هر فن مولي ڄاڻجي پيو آهي ۽ هن سنڌي جي هر صنف شاعري جديد خواه قديم تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

سنڌي شاعري ۾ فن تي جيترو رشيد کي عبور حاصل آهي، ايترو شايد ڪنهن ٻئي کي نه هجي. ورنه هن قحط الرجال جي زماني ۾ گهڻو ڪري هر ڪنهن وٽ فني شعور جو فقدان آهي. رشيد رجعت پسندي ۽ ترقي پسنديءَ جو جهڳڙو ئي مٽائي ڇڏيو آهي. انهن ٻنهي رجحانن جي وچ مان مصنوعي ديوار ڪيري ٻنهي کي اهڙي نموني ملائي ڇڏيو آهي، جو روحانيت جو نظريو ماديت جي قريب اچي ويو آهي، جنهن سان تهذيب ۽ اخلاق کي اهميت حاصل ٿئي ٿي. اقتصادي ۽ سياسي بي چيني جو حل نظر اچي ٿو. زندگيءَ کان فراريت جي بدران زندگي سان مقابلي ڪرڻ جو حوصلو پيدا ٿئي ٿو ۽ جمالياتي ذوق کي تسڪين ملي ٿي.

رشيد کي سماج جي ناسورن جي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي، ليڪن هو پروپيگنڊا جو قائل نه آهي، ۽ سماجي انتشار ڦهلائڻ جي خلاف آهي. هن جو خدا هڪ رسول صہ هڪ ۽ قرآن هڪ ۽ جو ڪجهه هن انهن جي بدولت حاصل ڪيو آهي ان تي سختي سان عمل ڪيو اٿس ۽ هي مجموعه ڪلام ان جي شهادت لاءِ هڪ وڏي دستاويزي سند آهي.

رشيد پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي هڪ واضح تصوير پيش ڪئي آهي ۽ ماحول جي چٽسائيءَ تي وڏي محنت ڪئي آهي. هن سنڌ جي شخصيتن ڪي سهڻي ۽ صحيح نموني پيش ڪري، سندن نظرين جي وضاحت ڪندي، ثابت ڪيو آهي ته هن هاري ناري، مزدور، مفلوج ۽ مفلس سان همدردي ڪري انسان دوستي جو ثبوت پيش ڪيو آهي.

رشيد، شديد بحراني ڪيفيت جي باوجود پنهنجي شخصيت جوڀرپور نموني اظهار ڪيو آهي. هو ڪڏهن به شڪست قبول نٿو ڪري. سندس نظم دل ۾ اهڙو اثر پيدا ڪري ٿو، جو ديرپا آهي ۽ قاري شاعر سان هم رڪاب بڻجي، سندس هم سفر ٿيو پوي. منجهس ”خارجيت“ ڪان سواءِ ”داخليت“ جو عنصر به ڪافي حد تائين موجود رهي ٿو، جا سندس صداقت پسندي جو دليل آهي.

هو هر ڪنهن نندي ڳالهه کي، پنهنجي فنڪاري ۽ تجربي جي ذريعي بلند مقام تي پهچائي ٿو. هن ۾ قومي شعور موجود آهي. سندس دل تي اسلاف جي ڪارڪردگين جو هڪ واضح نقش چٽيل آهي، جنهن ڪري هو پنهنجي صحيح رستي تان ڪڏهن به گمراه نٿو ٿئي ۽ پنهنجي مطمح نظر کي پيش ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي حيل و حجت نٿو ڪري.

سندس شاعريءَ جي مجموعي مطالعي ڪان پوءِ

اهو انداز و لڳائي سگهجي ٿو ته ڪٿي "غم دوران" "غم جانان" جي مٿان غالب آهي ۽ ڪٿي ورى "غم جانان"، "غم دوران" کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي.

رشيد جو هي مجموعو سنڌي ادب جو هڪ وڏو سرمايو ثابت ٿيندو ۽ اميد ته شاعر جي نيڪ ڪوشش جو هر سنڌي اعتراف ڪندو رهندو.

شيخ عبدالرزاق "راز"

پبلشر پاران

رشيد لاشاريءَ کي پهريون ڀيرو مون ڪراچي يونيورسٽي آڊيٽوريم ۾ ١٩٦٤ع ۾ ڏٺو، جڏهن اتي جي سنڌي شعبي پاران سڏايل ادبي ميڙ اڳيان ڪلام پڙهڻ لڳو هو.

توقع مطابق سنڌي شاگردن مٿس هوٽنگ ڪئي ڇوته ڪن شاهينگن جي چرچ ٿي ته اڪثر اهڙين محفلن ۾ جامڙا اديب ۽ نام نهاد شاعر پنهنجي اڻ سهائيءَ جو اظهار اهڙين سازشن وسيلي ڪندا رهندا آهن.

انهيءَ موقعي تي گهڻن کي حيرت لڳي هوندي ۽ مون کي عبرت، ته هو ايتري قدر هوٽنگ هوندي به اسٽيج تي پنهنجو ڪلام مڪمل طور پڙهڻ تي الائي ڇو ضد پڪڙيو بيٺو هو.

بعد ۾ مون انهيءَ ڪانفرنس جي رپورٽ قسط ۾ نواءِ سنڌ حيدرآباد ۾ ڏني، جنهن کي عام طرح پسند ڪيو ويو. رشيد لاشاري خط ذريعي ان رپورٽ ۽ ان بابت ورتل جائزي کي پسند ڪيو هو ۽ خاص طرح مٿس جيڪا تنقيد ڪئي هئم ته هن ايتري مخالفت ۽ هوٽنگ هوندي به هروڀرو ڇو اسٽيج تي بيهڻ ضروري ڄاتو هو!

انهيءَ تجزيي کي جنهن به ليکڪ به چڱو ڇيو هو، سو، شمشير الحيدري هو. دلچسپ حقيقت وري اها ته مذڪوره محفل جو اسٽيج سيڪريٽري شمشير ئي هو.

رشيد لاشاري بعد ۾ ١٩٦٨ع واري زماني ۾ حيدرآباد جي مهراڻ اخبار جي عملي ۾ شامل ٿيو، جتي هڪ ڏينهن، منهنجي پڇا تي هن ٻڌايو ته ڪلام جو مجموعو هن تيار ڪري ڇڏيو آهي، مگر ڇپائڻ جي سهوليت ناهيس. تڏهن حيدرآباد ۾ اسان ڪن ٻن چئن ماڻهن ”تعمير ادب“ نالي ادبي تحريڪ قائم ڪئي هئي، ۽ ان اداري پاران اڳ ڪي ڪتاب ڇپرايا هئاسون. لاشاري صاحب پنهنجو اهو ڪلام ان طرح ڇپائڻ لاءِ مون کي ڏنو.

مگر وقت بوقت روزگار جي غير يقيني حالتن مون کي ڪتابن جي تياري توڙي انهن ذريعي سنڌي زبان جي خدمت جي وهنوار کان دور رکيو.

سچ ته اخباري نوڪري ۽ ماستريءَ جي نوڪري جتي هڪ طرف ڪنهن علم دوست ماڻهوءَ کي علمي ۽ ادبي اهليت بخشي ٿي، اتي ٻئي پاسي کان اها ئي ماستري يا اخباري صحافت جي نوڪري ماڻهوءَ کي روزمره جي روزگار جو ٻانهو ۽ محتاج غلام بنائي ٿي ڇڏي!

مون کي ننڍپڻ کان شوق ته هو سنڌيءَ ۾ تمام گهڻا

ڪتاب لکيا ويا ۽ اهي ڇپائي عام ڪيا ويا. ان سلسلي ۾ منهنجو ڪان منهنجو ذهن ايتري قدر ته ٻڌجي ويو هو، جو ڪنهن به عالم يا ٽيچر کي آءُ ان جي پاران لکيل ۽ شايع ڪرايل ڪتابن جي تعداد يا حيثيت جي آڌار تي ئي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار هوندو هوس.

نواب شاهه ۾ پڙهائيءَ دوران عربي جي استاد ۽ هڪ بزرگ عالم، مولوي علي محمد جماليءَ کي علم ۽ عام واقفيت جو سمنڊ سمجهندو هوس مگر ته به کيس ڪتابن لکڻ لاءِ زور پريندو هوس. جنهن بابت هو مرحوم هميشه اهڙن موقعن تي ان صلاح کي صحيح سمجهڻ سان گڏ اقرار ڪندو هو ته افسوس جو، سندس به سڄو وقت ٻئان لکڻ جي هليو پيو وڃي. بيشڪ هو صاحب وسيع مطالعي وارو ۽ هڪ گوهر ناياب هو، مگر مون تي چاهيو ته هن جي علميت سان سنڌي زبان کي ڪو دائمي سرمايو حاصل ٿي پوي ها!

منهنجي خواهش اها به رهي ته جيڪر سنڌ جو محسن شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو به شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ جي نقش قدم تي هلندي سوين ڪتابن جو مصنف هجي ها. مون انهيءَ ئي جذبي سان ڊاڪٽر غلام حسين جعفري، محمد اسماعيل عرساڻي، سيد سردار علي شاهه، مولوي خير محمد نظاماڻي شيخ عبدالرحيم ۽ ٻين صحافين توڙي استادن سان بحث جاري پئي رکيو ته هو پنهنجي اپائن سان سنا ۽ گهڻا

نڌي ڪتاب ڇاهين ۽ ڇپرائين!

بهرحال نوڪري حقيقت ۾ دانشور ۽ پارکوءَ
جي ساري اهليت ۽ اپاءَ کي بي مقصد ۽ ڊوڙ بڻايو
ڇڏي.

مون کي پنهنجي اصلوڪي خيال کي خود عملي
جامون پهرائڻ جو موقعو تڏهن مليو جڏهن ١٩٨٠ع ۾
محترم عزيز الرحمان ٻگهئي ماهنامه "اديون" کي هلائڻ
جي اجازت ان جي پبلشر کان وٺي ڏني ۽ وري جلدئي
پوءِ شيخ سلطان ٽرسٽ جي نئين ڊپٽي ائڊمنسٽريٽر
علي احمد بروهيءَ جي اچڻ کان پوءِ مون سميت گهڻن
ڪارڪنن کي هلال پاڪستان کان جدا ڪيو ويو.

پوءِ مون هڪ ننڍو ادارو قائم ڪري ننڍن ٽوڙي
وڏن لاءِ ڪيئي ڪتاب ڇپرائڻ جو سلسلو جاري
رکيو آهي.

سنڌي ڪتابن کي هلائڻ جو مسئلو وري الڳ
ڪڙي ڪاڪ آهي، جنهن ڏي في الحال ته ڪوبه
سنڌرو منهن ڪرڻ جي سوچ به نٿو رکي سگهي!

رشيد لاشاري جي مجموعي ۾ موجود ڪافيون
بيت، وايون ۽ غزل مون الڳ ڪري انهن جي ڇپرائڻ جو
ڪم مهمل رکيو آهي. في الحال ڪي نظم ترتيب
ڏنا اٿم.

سندس ڪلام مان دائمي ياد رهڻ جي حسرت ليئا
پائيندي نظر اچي ٿي. لٽريچر کي همٿائڻ جو دور هينئر

نہ رهيو آهي، پوءِ بہ محنت ڪريون ٿا پيا! هي دور
هاڻي جنهن نہ سياسي سوچ جو آهي ۽ سماجي بي انصافين
اسان جـــي پڙهندڙن ڪـــي، بجا طور بيزار بڻائي
ڇڏيو آهي.

اهـــڙي ماحول ۾ فقط ڪي نظم ۽ مي بہ ان
خيال ڪان تہ هڪ محنتي ۽ با ڪمال شاعر جي ڪجهہ
تہ ياد اسان وٽ قائم هجي! هو پنهنجي وقت جو شايد
سڀ ڪان سنو ۽ نهايت تيز رفتار شاعر ۽ اديب هو.

مرحوم ١٩٧٠ع ڏاري گذاري ويو. هو دم جو
بيمار هو. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ روزانہ مهراڻ ۾ سائين
سردار علي شاهہ جـي مهاري هو. شاهہ صاحب سندس
هر طرح سار سنڀال، ٽهل ٽڪور ۽ دوا درمل جو بندوبست
جاري رکندو هو.

مرحوم سول اسپتال حيدرآباد ۾ دم ڏنو. ۽ هـن
جي ڪفن دفن جـو انتظام بہ سائين سردار علي شاهہ
ڪيو هو.

هي مجموعو مون وٽ پيو هـو ۽ هينئر، حالتن
جي ڪجهہ سازگار ٿيڻ تي ان کـي شايع ڪرڻ جو
اپاءُ پيو ڪريان، اميد تہ علم وارا ۽ سنڌي زبان جا
سرپرست ماڻهو، هن ڪتاب جو ضرور قدر ڪندا.

هوندن پنهنجي ذاتي چاڻ مطابق مون کي بيشڪ
اهو چوڻو پوندو تہ گذريل دور ۾ تمام گهڻـو، اعليٰ،
بسيارگـــو ۽ قادر الڪـــلام ۽ بي مثال سخنور شاعر

۾ علم و ادب جا، بي ڪنار سمونڊ وانگر ايڪڙ، اهان فقط
۽ جٽا ميدان ۾ ڏنا. هڪ رشيد لاشاري هو ۽ ٻيو محمد
مان غني. ٻئي بيوسيءَ جي حالت ۾ بي قدر ۽ بيدرد
احول مان گمناميءَ جي دنيا طرف هليا ويا.

هڻ اداري جو وس آهر پروگرام اهو آهي ته جن
ت به وڏن جا يا خود پنهنجا ادبي وکر، يا حڪمت
چاڻ جا سنڌي ۾ لکيل اڻ ڇپيل ڪتاب پيل هجن
اهي جيڪڏهن ڇپجڻ لاءِ مهرباني ڪري ڏين چاهين
هيٺين ائڊريس تي انهن ني ڇپائڻ لاءِ لهه وچڙ ۾
ي سگهون ٿا.

عمر الدين بيدار

سنڌي ساهتيه منڊل ڪراچي—۱

شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽه جي ياد

سنڌ بابت جنرل ناليج

(ڀاڱو پهريون)

مصنف

عمرالدين بيدار

١٩٨٨ع

قيمت پنج رپيا

هڪ منظوم آکاڻي

سنڌ جا

سورهيه

---

(٢٣٠)

نه ٿي مايوس اي سنڌي! زمانو ڇا بگاڙيندو؟
هليو هل هر قدم تي تون مصيبت کي لتاڙيندو.
زمانو پل هلي توکـــي مرڻ تائين اجاڙيندو.
مگر هل سور پنهنجي ساهه سان هر دم سلهاڙيندو.
انهيءَ دنيا جي دورنگي، وري پاسو ورائيندي،
اسان جي بيڪسي هڪ ڏينهن آخر رنگ لائيندي.

وري پنهنجن نصيبن جا، نظر شمس و قمر ايندا.
اڏي مهراڻ جا مانجهي، وري عرشن تي گهر ايندا.
اهي سنڌي سپاهي، هٿ ڪري فتح و ظفر ايندا.
چمڻ سان ٿي ڪنيو چڻ پاڻ سان تير و تبر ايندا.
يقين ڄاڻو، اسان جا سورما ٿي ڪامران ٿيندا؛
سوين "هوشو" لکين "دودا" اسان مان ٿي عيان ٿيندا.

نه وسريو آهه قصو پاڻ کان دودي چنيسر جو،
بيان آهي دلين تي نقش، ان غيرت جي منظر جو،
هنيو ميدان ۾ نعرو هو جنهن الله اڪبر جو،
خوشيءَ مان چونه ڳايون نام ان دانا دلاور جو،
مرڻ ويلي چيو دودي، ڪري ٽڪرا ترارين کي،
وجهي سر ساهه پر ڀاڳهيءَ جو سگ ڏيندس نه ڌارين کي.

نہ وسرن ٿا اهي ارغون، جن هو سنڌ تي ڪاهيو،
اهي بيدرد، ظالم، جن هو قلعو قرب جو ڊاهيو،
اهي غدار جن هر هر ٺڪيءَ جو ٺاهہ تي ٺاهيو،
مگر ڪنهن سورمي سنڌيءَ نہ وِڪڙ سنڌ کي چاهيو،
سي سورهيہ سنڌ جا، ٻيئا اِچي افغان جي آڏو،
ڇيو دِهشت منجهان شہ بيگ دريا خان جي آڏو:

منم شہ بيگ ارغون، صاحبم اين تاج و دولت را،
مشو باغي اطاعت کن، غنيمت دان وزارت را،
مپندار از براڻي سرڪشي اين قتل و غارت را،
چرا از بهر خود خواهي خجالت را، نحوست را،
نہ در دشت بغاوت اين چنين قائم قدآور شو،
اگر هستي تو دريا خان، بصلح من دلاور شو،

اِتي شہ بيگ جي آڏو هي دريا خان للڪاريو:
نہ اهڙو ڏيوندِ لالچ جو اسان ڪنهن کي ڏيکاريو؛
بلانڪ سنڌ سونهاري ۾ باهيون ظلم جون ٻاريو؛
اسان جا سر وڍائي پوءِ ساري سنڌ والاريو،
نہ اهڙي سنڌ جي سورهيہ ۾ رک اميد تون بيجا،
متائيندو نہ ڪابل ڏي ڪڏهن رخ سنڌ جو درياہ

ٿيو جڏهن قهر ڪلهوڙن جو ساريءَ سنڌ ۾ جاري؛
رهي قائم بلوچن جي نه ڪا عزت، نه سرداري،
ويو خان قلات آڏو، هلي "بجار" هيڪاري،
ڏيان لشڪر ته مان توکي، ڏني هيءَ خان دلداري،
مگر مير بجار ان سان تحمل ذاري ڳالهايو،
سنڀاري سنڌ کي پنهنجي بلوچيءَ ۾ هي فرمايو:

منني واجا، منني آقا! من اشتو بندگي لوٽان،
نه رندان شاهي ئي ديما نه من موت ئي گرا ٽڙسان
نه چي سودے اگر گپتا، خران ني جا گها گوکان،
شمشے فوجان ني دستا من نه خون سنڌيان ريشان،
بلوچ آستان، بلوچان ني براسان، مير بجاران،
صدق بان سنڌ ناما، اے دعا در بارگه داران.

نه وسري تو اسان کان پير حزب الله پاڳارو،
ڪيو جنهن جنگ آزاديءَ جو روشن سنڌ ۾ تارو،
ٿيو هر چالبازيءَ ۾ جڏهن انگريز سوڀارو،
سڪن جو ٿي چڪو پنجاب ۾ اقبال موچارو،
مسلمانن کي مارائي ٿيو انگريز کي سنهنجو،
ڪرايو هند جي غازي تعارف سنڌ ۾ پنهنجو:

مجهي کهتي هين سيد احمد آيا هون بريلي سي،
ڇهڙاؤ سنده کي راني کو يورپ کي سهيلي سي،
پهنڪارون سي ڀهگاؤ نحس ناگن کو حويلي سي،
مسلمانو! اٿهاؤ فائده اس رت رنگيلي سي؟
حرون کي فوج فورا پير گوٺه، امروٽ سي نکلي،
جنازه ميري ميت کا بهي ”بالا ڪوٽ“ سي نکلي.

لڳي ميرن کي گهرمان، ٿي عيان پنهنجن جي غداري،
ٿيا سازش ۾ سرگردان بنائي چور پاٿاري،
ناؤن مل جهڙا هندو ٿي چڪا ڌارين جا پرچاري،
تڏهن انگريز حرفت سان سموري سنڌ والاري،
اٿيو هڪ سنڌجو شه زور شيدي هوش وحشمت سان،
انهي هوشوءَ ڪئي للڪار، سنڌين کي صداقت سان:

اٿو اي سنڌ دي سورهيه! اهو پورا پڇا ڇوڙون،
قسم کا ... وڙهون تي جان دي بازي لڳا ڇوڙون،
جوهن غدار انهان ڪون ڏينهن دي تاري ڏکا ڇوڙون،
جتان ديدان نه پهچن، بس، اٿان واڳان ولا ڇوڙون،
نه هٿي سنڌ دي دامن اتي ايجها ڌها ليسون،
نه ڏيسون سنڌڙي انگريز ڪون پر آپ مر ويسون،

اُٿيو هڪ سنڌڙيءَ جو شهر ۾ نعرو لڳايائين،
”ڊبي جي جنگ“ ۾ انگريز کي ڏوٿا ڇپايائين،
نه جيسين قيد ٿيو، تيسين پلپل پورا پڄايائين،
هٽيو پٺتي نه هرگز پر قـــدم اڳتي وڌايائين،
لڳائي جنگ جي ميدان ۾ ان جان جي بازي.
ڪڍيا پنهنجي زبان مان نيٺ هي الفاظ ان غازي:

ٻڌيا جو سنڌڙي دا شير، او هرگز نه ڏيپ ڪامي،
وطن دے ڪاڻ مرويسي يا ڪامي قيد تي ڦامي،
اڳون تي ويسي ڏوڪيندا نه پڇتي مول ول آمي،
نهين غم توڙي سهٽي سنڌ تي ويسى الهه رامي،
اهو پيي ڏينهن آمي، جو وطن آزاد ٿي ويسي،
انهان پوريان دي بيدادي صفا برباد ٿي ويسي

هي ”ستونجاهه ارڙهن سو“ جي سن جي آهه آکاڻي،
هئي وڪٽوريا جنهـن وقت لنڊن ۾ مهاراڻي،
آٿيا تنن خانگڙهه جا خان، پي پيڪار جو پاڻي،
هو ”ڪوسو دلمراد اول“ ۽ ”دريا خان جکراڻي“،
مٺا هي سنڌ جا سورهيه وڃي قيد فرنگ اندر،
ڪڍيائون سنڌڙيءَ جو نانءُ آزاديءَ جي جنگ اندر،

سين غازين جو غازي، صبغت الله شاهه پاڳارو،
شهيد- سنڌ بنجي، ٿي ڇڪو مقصد ۾ سوپارو،
پيارو غازين کي تنهن غزا جــو جام جالارو،
وريو هن جي ڏي صدقي آهه پاڪستان جو وارو ۾
پڇيو ڪنهن ”جنگ جهيڙي ڪانسواءِ انگريز
ڪيئن ويندا؟“
چيائين: ”جيڪي جيئرا هي اوهانکي پاڻ ڏس ڏيندا“.

حقيقت ۾ اهي سورهيه هٿا سر، سام تان صدقي،
نه ها دنيا جا پوڄاري نه سگهي نام تان صدقي
ٿئي صبح وطن تو ڪيئن پلا ڪنهن شام تان صدقي،
سچا سنڌي ٿين ٿا پنهنجي ننگ و نام تان صدقي،
چوانٿو ڳالهه حق جي پل ٿئي هڪڙن کي حيراني،
اهي سورهيه هٿا سچ پچ ته پاڪستان جا باني.

بهادر آهه جو شاعر ڪندو سو رزم جون بوليون،
جنن جي ميڙ ۾ ويهي نه چوندو ”ماهيا“ ”لوليون“ ۾
طبيعت منهنجي ۾ آهن روان مهراڻ جون ڇوليون،
ڇنڊيان ڇاڪاڻ مقصد کي ڇو ڪيڏان راند جون گوليون،
مخالف نعره بازي سان رهن پل مون سان تڪراري
مري ويندس ته چوندي سنڌ: ”زنده باد لاشاري“

اسان جي سنڌ

قيمت پنج روپيا

جنرل نالیج سلسلو — سوالن جوابن ۾

[illegible]

ليکڪ: ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق

٣ - اشفاق بلڊنگ، اڪبر روڊ،

فريئر مارڪيٽ جي پٺيان ڪراچي - ١

ٻي منظوم آکاڻي

لالچي طوطو

(٣١)

طوطا، هي تنهنجو پڃرو توکي نٿو جڳائي!
آزادگي پکين جي، تو ڇو وڏي لڄائي؟
پرواز کان ڇو توکي لالچ وڌو ٽڪائي؟
واهڙ ڏسي هوس جا، تو پر وڃا پسائي،
خود کي "ميان مٺو" ٿي جيڪا زبان سڏائي،
جي سچ پڇين ته انکي ڇڏ پاڙ کان وڃائي.

....

تو خود بخود قبوليو پڃرو ۽ قيدخانو،
آزادگيءَ جو هرگز ڳوليو نه تو بهانو،
نت شوق مان ٿو ڳائين اغيار جو ترانو،
پوء ته تو وساريو برباد آشيانو،
گذري اچا به تنهنجي، ٿي زندگي قفس ۾،
محسوس ناهه توکي شرمندگي قفس ۾.

....

طوطا! ڇو تنهنجا ساٿي وڇڙي ويا چمن مان،
سڏڪا پيري اڏاڻا ساون ڪکن پنن مان،
جيئن باغ کي ڇڏياءُون، رت ٿي وڙهن پرن مان،
افسوس، ڪيئن انهنجي دل ٿي ڪٽي وطن مان!
مو ٿي پکي سپاهي، جو تو مري چمن ۾،
شبنم جي غسل سان تو مدفن لهي گلن ۾.

....

ساٿين وطن وساريو ۽ تون رهئين وطن ۾،
توکي ته هو مناسب ساڻو رهڻ پٽن ۾،
غيرن جي ور چڙهئين ڇو، لالچ ڪيئه ڇو منهِ؟
هڪدم مري وڃين ها، غيرت وڃان ڇهنهِ،
بي غيرتيءَ جو طوطا! تون ڇو ٿئين نشانو؟
پڃري جي تيلين تي جوڙيئه ڇو آشيانو؟

....

طوطا! نه خود بخود تون صياد وٽ اچين ها،
برباد آشيانو پنهنجو نه تون ڪرين ها،
پنهنجن ڪکن پنن ۾ ساڻو سکيو رهين ها،
ذلت جي زندگيءَ کان، بندوق سان مرين ها،
افسوس! تو نه سمجهيو، ماريءَ کي پنهنجو دشمن،
پڃري جي لالچن تي وڪٽي ڇڏيو تو گلشن،

....

غيرت جي خون سان تو ڳاڙهي ڇهنب بنائي،
آزادگي چمن جي پڃري سان تو مٽائي،
پنهنجي ولر جي عزت تو خاڪ ۾ ملائي،
ڪم ايندء ڪيستائين آخر هي بيحيائي؟
تون خوش نه ٿي زمانو هر وقت ساٿ ڏيندو،
پڃري ۾ جو ملي ٿو، ڪسجي اهو به ويندو.

....

ٻنهنجي اکين منجهان تون بيغرتي ڦٽي ڪر،
”تين تين“ ڪرڻ ڇڏي ڏي ۽ دم زني ڦٽي ڪر،
آزادگيء ڪان نفرت ۽ دشمني ڦٽي ڪر،
اغيار جي خوشامد ۽ دوستي ڦٽي ڪر،
بدلاء پنهنجي قسمت، چرخ کهن کي هٽ ڪر،
پنهنجي ولر سان گڏجي پنهنجي چمن کي هٽ ڪر.

....

تنهنجي چمن ۾ اڄڪلهه ڪانگن جو ماڳ آهي،
ڪل ڦل ۽ ڪک ۽ پن ۾ ”ڪان ڪان“ جو
راڳ آهي،
پيدا ٿيو اجل جو تو وٽ مهاڳ آهي،
تنهنجو ٿي بخت گويا تنهنجو تياڳ آهي،
اوبر ملي ٿي توکي، اصلي غذا ٻين جي،
تنهنجي زبان تي آهي وصف وُ ثنا ٻين جي.

....

طوطا! ”متو متو“ ڇڏ، پنهنجي ڪا ٻول ٻولي،
ڪوهي خوشامدي ٻر، غيرت جي پاء چولي،
پڃري کي پر هڻي پڃ ۽ رت جي ڪيڏ هولي،
پنهنجي چمن ۾ اڏري، پنهنجي وساه ٽولي،
پنهنجي ولر سان آهي، اڏرڻ مفيد تنهنجو،
جي تون ٿئين وطن جو آهي ”رشيد“ تنهنجو.

ڪراچي ١٩٥٦ع

ٻي منظوم آکاڻي

ٻيجل جي ٻولي

(٣٥)

دل ڇوي ٿي ڇنگ ڇوريان، ڇاھ مان ڇارڻ ٿيان،
ساز ڇيڙيان سوز جو ۽ قرب جو ڪارڻ ٿيان،
جوش مان جھوڙا ڀڏي جھومان، نجو نارڻ ٿيان،
ڪنھن نہ ڪنھن جي درد ۽ غم جو ڀڃو ڀارڻ ٿيان،
پر غلط سر جي صدا، آھي اھو مڱڻ جو ڪم،
مان گھران ٿو سنڌڙي، سنڌين جو جنھن سان آھ دم.

....

مان ڇو ريجھايان اڇوڪو راڳ پنھنجي راڳ سان؟
ڇا وڃي ان جو پلا منھنجي نياڳ ۽ ڀاڳ سان؟
ڇو ڏجي پنھنجو نصيب، انکي وطن جي واڳ سان؟
ان جا زھري ڪاڄ، ڇو ڳنڍجن سلوڻي ساڳ سان؟
دل جي راحت لاءِ بس، مھراڻ جون موجون ڪپن،
سنڌڙي سھڻيءَ جي سھڻي حسن جون فوجون ڪپن.

....

مان اھو ڀيجل نہ آھيان، جو ڪندس سر جو سوال،
پنھنجي عزت، پنھنجي عظمت جو نہ آڻيندس خيال،
اڻين نہ ڇوندس: مون کي گھرجي ڪين ٿو دولت ۽ مال،
غير جي اقبال سان پنھنجو نہ آڻيندس زوال،
مون کي پنھنجي سنڌ جي عزت کپي، عظمت کپي،
اوج ۽ اقبال سان گڏ مال ۽ دولت کپي.

....

ڇو ڪريان پنهنجا ڇڏي، پرديس وارن کي سلام،
دان جي لالچ ۾ صد سرمايه دارن جو سلام،
ڪڙو بت پوڄڻ نه ڇا پر لک هزارن جو سلام،
ڪيترن فرعون ۽ قارون پارن جو سلام،
ٻن اهو چارڻ، جو خود ڇولي ٻه وڪڻي غير وٽ،
پنهنجي دل جو درد ۽ ٻولي ٻه وڪڻي غير وٽ.

....

سند جا پيچل! تون پل سرندو صداقت جو وڇاءِ،
امن ماڙين ۾ نه گهر، لانڍين ۾ تنهنجي آهه جاءِ،
اڄ جي "نار حاميه" کان تون ٿي پنهنجن کي بچاءِ،
بره جو هي بار باري، پنهنجي ڌي سر تي وساءِ،
هڪڙي سگهي سر پنيان وڪڻي نه ڇڏ درد وطن،
غير کي انعام ۾ ڏي ڪين "جنات عدن".

....

ڪنهن "ڏياچ" اندر اگر ڏسجي ته اڄ مردانگي،
توکي گهرجي ان اکيان ظاهر نه ڪر ديوانگي،
ڇڏ تلهي سر جي صدا، پيدا ڪري فرزانگي،
جي گهرڻ چاهين ته گهر، "ٻولي ۽ سندي پروانگي"،
"سنڌڙي سورت" جو جيئن نام و نشان زنده رهي،
قوم زنده تي رهي پر جي زبان زنده رهي.

....

تند تنهنجي کي جڳائي ٿو نه اڄ نشٽرت نماز،
آهه سختيءَ جو زمانو، ڇيڙ کو سختيءَ جو ساز،
راز راجا جو نه گهر ۾ ٿي نه ڪنهن وٽ سرفراز،
جي گهرين ٿو ڪارسازي، ٿي تون پنهنجو ڪارساز،
ڪر نه ميراثين ۽ مڱڻن جي زماني ڏي نگاهه،
آهه اڄ تنهنجو زمانو، آهين تون خود بادشاهه.

....

رنگ محلن جي اکيان، پنهنجي وچائين ڇو ٿو بين؟
آهه تنهنجو آسمان ۽ آهه پڻ تنهنجي زمين،
جي هٿا مڱڻا اهي سڏجن ٿا عالم جا امين،
تون به رک تازي تخيل جي مٿان زينت جي زين،
هڪڙي ڏي اک پوٽ اندر عرش ڏي پرواز ڪر،
پنهنجي ڏي آواز سان پنهنجو تون سرندو ساز ڪر.

....

تنهنجي فطرت ۾ ڪڏهن ٻئي جي ثنا خواني نه آهه،
هيءَ "مڱڻهارپ" سراسر ڪار انساني نه آهه،
تنهنجي خوداريءَ کي زيبا، ڪنهن جي درباني نه آهه،
تنهنجي ورثي ۾ ڇا راڳ آهي ۽ سلطاني نه آهه؟
جي تون جهونا گڙهه کي نغمن سان نچائي ٿو سگهين،
حڪمران ٻنجي، حڪومت پڻ هلائي ٿو سگهين.

....

ڄڻي، هجين راجا، سون کي سون ۾ توري ڇڏين،
مفلسن کي ڪمن جهوريءَ ۾ ڪڏهن جهوري ڇڏين،
تون ٻه حق جي راه ۾ سو وار سر گهوري ڇڏين،
وقت تي پنهنجي ڪلهن تان ماس پڻ ڪوري ڇڏين،
تون مگر مڱڻو ٿئين، رسوا ڪيو توکي ڪماچ،
تخت تي ويهي سخاوت ۾ ڪڍيو نالو "ڏياچ".

....

اڄ ٻه دنيا تنهنجي نالي کي لڄائڻ تي گهري،
هڪ هشيءَ تي ڪيترن جا سر وڍائڻ تي گهري،
تنهنجي سرندي مان ٿي پنهنجو ڪم ٺپائڻ تي گهري،
پر نه پنهنجي چال کي هرگز مٽائڻ تي گهري،
جي، چڱو چاهين، پڄي ٽڪرا ڪري ڇڏ ساز کي،
ورنه ره پنهنجيءَ ۾ پورو، ٻڌ نه ڪنهن آواز کي.

....

پنهنجي هن آواز مان، آواز حقاني مِلاءِ،
ساز پنهنجي مان ٽٽل دل جي پريشاني مِلاءِ،
پنهنجي گيتن ۾ سراسر راز روحاني مِلاءِ،
پنهنجي درويشيءَ ۾ هيڪر شان سلطاني مِلاءِ،
پوءِ ٿي ٻيجل ء بيشڪ چنگ ڇوري جنگ ڪر.
پنهنجي نغمن مان ٿي دنيا ۾ ڪي پيدا رنگ ڪر.

....

هيءَ زمين ڇا، آسمانن تي بہ رک پنهنجو قدم،
عرش کان هن فرش تائين ڪوڙ وحدت جو علم،
ڪر فضا راحت جي پيدا، دور ڪر رنج و الم،
جڳ وهيٺو ڪين تي پر جڳ کٽي تنهنجو قسم،
ساز تنهنجي ۾ تين پيدا، ڪي سبحاني صفات،
تنهنجي نغمن ۾ لڳي گونجڻ سموري ڪائنات.

....

ڇا جو مڱڻو؟ تون تہ آهين ڏيهہ جو ڏاتار اڄ،
تنهنجي دم سان ٿو هلي، دنيا جو ڪاروبار اڄ،
پنهنجي ذهنيت ڪي مٽائي، ڪجهہ تہ ٿي خوددار اڄ،
پنهنجي هٿ سان وڃ قدامت پنهنجيءَ جو ڪاپار اڄ،
ڇيڙ عالم دوستيءَ جو ساز، ويهي صبح و شام،
ڇو جو اڄ انسان ڪنهن انسان جو ناهي غلام.

....

ڇيني قومن ڪي تون پنهنجي پائيءَ ۾ ڪر شمار،
ڇا جو اڄ ڪمزور مفلس، ڇا جو موٽو مالدار،
آهہ عزت جو فقط انسانيت تي انحصار،
اهڙو نصب العين ڪر دنيا ۾ بيشڪ آشڪار،
پيش ڪر جڳ ۾ نظريو تون ”چل سر مست“ جو،
ٿي خدا پنهنجي خوديءَ پنهنجي تخت ۽ بخت جو.

....

تنهنجي ٿي ايثار سان، انسانيت جي آهه عيد،
تنهنجي دم سان ٽٽندي استبداد جي مٽي پليد،
عام جي حق لاءِ هڻ تون نعره "هل من مزيد"،
غم نه ڪر تنهنجا ٿي رهندا پانهن پيلي لک "رشيد"
"راج شاهي" جو هيئر مشڪل نه آهي اختتام،
ساز تنهنجي سان بدلبو، سنڌ جو بگڙيل نظام.

چوٿين منظوم آڪاڻي

مرد ۽ عورت جو مساوي درجو

عورتن تي حاڪميت آهي هڪ ديوانگي،
لعل کي لڌ ۾ رکڻ، سنڌجي نٿي مردانگي.

عقل جي دعويٰ ڪرڻ وارن جي ڏس ديوانگي،
عقل ۾ ناقص اها، جنهن کان سکيا فرزانگي.

ننڊپڻ جي ياد ڪر اي مرد! ڪجهه ديوانگي،
آهه هڪ عورت وٽان توکي ملي فرزانگي.

مردوعورت کي حيا ۾ گهرجي ٿي يڪسانگي،
جا ٿي سنڌجي "پرده‌داري" آهه جهگڙو خانگي.

بزاکين کي تو ملي؛ ساڳيو نظر جو موقعو،
مرد و عورت کي ترقيءَ ۾ هجي يڪسانگي.

ڇو هجن علم و هنر ۾ مرد زالن کان جدا؟
آفتاب و روشنيءَ ۾ ڇــو هجي بيگانگي؟

ملڪ جي تنظيم گڏجي ڇونه ڪن زالون ۽ مرد؟
ڇا دماغ و دل جي ناهي جسم ۾ يڪسانگي؟

جنهن ڏني توکي زبان تنهن جي زبان‌بندي نه ڪر؛
پاڻ سان گڏ علم ۾ عورت کي ڏي يڪسانگي.

ياد ڪر، سهڻيءَ جو دهشتاڪ دريا سان وڙهڻ،
ياد ڪر، سسئي جي هاڙهي ۾ سچي مردانگي.

فاطمه جي احد ۾، زينب جي اندر ڪربلا،
ڇو وساري آهه تــو همدرديءَ مردانگي،

چانڊ بيبي، رضيہ سلطانہ ۽ چيا مهر النساء،
عقل ۾ ناقص هيون ۽ گهٽ هين مردانگي؟

سا فقط مارن جي رهندي، آهه جيڪا مارئي،
پل ٿئي ڪوٺن ۾ بند ۽ پل ڏسي بيگانگي.

صبر مان هوءِ جوش ۾ آئي تہ ڏاريندي جبل،
مرد ڪي گهرجي، سگهي عورت وٽان مردانگي.

ظلم جو باني جي عورت، جنس ۾ ابليس ڪير؟
ڪنهن گناهن جي ڏني انسان کي پروانگي؟

شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽه جي ياد ۾

سنڌي اڪيڊمي

سنڌي ۾ ڪتاب عام عربي، سنڌي
زبان کي فائدو ڏيارڻ لاءِ خاص ڪم اچن ٿا. اميد ته اوهان
هن ڏس ۾ غافل نه هوندا. جيڪر سهڪار ڪريو،
سنڌي ڪتابن جي اپاءَ ۾ ترقي لاءِ اسان ٻاران
اهڙي موڪليل ١٥٠٠ ويندا ته گڏيل تعاون
سان هيءَ هارايل جنگ کٽي به سگهجي ٿي.

اسان جا موڪليل ڪتاب اوهان ۾ سماجي علمن
جي دلچسپي اپائڻ ۾ علم جو باعث بڻبا!
هونئن توهان کي اڄ تائين ١٢ ڪتاب پيا موڪليون،
ته ٿا تعداد ۾ عنوان وار ڪتابن جو موجود آهن.

عمرالدين بيدار

SOORIH SINDHI ADAB

جنرل نالیج نمبر

ٻارن وڌائڻ لاءِ جنرل نالیج جو سلسلو به شروع ڪيل آهي. جنهن جو هيءُ ڪتاب ”اسان جي سنڌ“ اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيڪو محترم ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق جو لکيل آهي. اميد ته اوهان جي ڄاڻ وڌائڻ ۾ مددگار ٿيندو.

هن سلسلي لاءِ پڙهندڙن جي لاڳيتي سهڪار جي اميد آهي. جيئن ٻارن لاءِ به سٺا ۽ سستا ڪتاب عام جام تيار ڪري سگهجن. ان طرح جيڪڏهن پيا صاحب به جنرل نالیج تي ڪي ڪتاب ننڍا يا وڏا لکي ڏيندا ته هن انسٽيٽيوٽ پاران ڇپائي پڌري ڪرڻ جو اُپاءُ جاري رهندو.

عمرالدين بيدار

SOORIH SINDHI ADAB



SOORIH SINDHI ADAB

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوپار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488